روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) خميس 26 جنوري 2023ع بمطابق 03 رجب المجرب 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 244

موت کان نٿو ڊڄان، آخري ساهه تائين وڙهندس: عمران خان

سنڌس پنهنجا ڪيس عدالتن ۾ هلي رهيا آهن. تنهنڪري امپورٽڊ حڪومت مونکي ڪڏهن به گرفتار نٿي ڪري سگهي

گذريل رات عمران خان جي امڪاني گرفتاري جي خدشن کي نظر ۾ رکندي ڪارڪنن جو وڏو انگ زمان پارڪ پهتو

احتجاج ڪرڻ تي پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته ٻاويهه ڪروڙ عوام تحريڪ انصاف سان گڏ بيٺو آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

فواد چوڌري تحريڪ انصاف جو متحرڪ ڪارڪن آهي، ڪيس انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻايو ويو آهي: اڳوڻو وزيراعظم

پارٽي جي سينيئر اڳواڻن سان صلاح مشورو مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پارٽي جي مرڪزي قيادت کي هدايتون پڻ جاري ڪري ڇڏيون آهن

پهرين مرحلي ۾ لاهور جي مختلف علائقن جا ڪارڪن زمان پارڪ ٻاهران ڊيوٽي جا فرض انجام ڏيندا: اڳوڻو وزيراعظم

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو آهي ته امپورٽڊ سرڪار مونکي ڪڏهن به گرفتار نٿي ڪري سگهي. پي ٽي آءِ جي سينيئر اڳواڻن سان گفتگو ڪندي اڳوڻي وزيراعظم چيو ته سنڌس پنهنجا ڪيس عدالتن ۾ هلي رهيا آهن. تنهنڪري امپورٽڊ حڪومت مونکي ڪڏهن به گرفتار نٿي ڪري سگهي. گذريل رات عمران خان جي امڪاني گرفتاري جي خدشن کي نظر ۾ رکندي ڪارڪنن جو وڏو انگ زمان پارڪ پهتو ۽ احتجاج ڪرڻ تي پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته ٻاويهه ڪروڙ عوام تحريڪ انصاف سان گڏ بيٺو آهي. پارٽي اڳواڻ فواد چوڌري جي گرفتاري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاهور: پاڪستان تحريڪ انصاف جو سربراهه عمران خان پريس ڪانفرنس ڪندي

ڀارت پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ اچڻ جي دعوت ڏئي ڇڏي

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت پاڪستان کي شنگهائي سهڪار تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ڏئي ڇڏي. ڀارتي ميڊيا موجب ڀارت ايس سي او اجلاس ۾ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري کي شرڪت جي دعوت ڏني آهي. ميڊيا رپورٽن ۾ چيو ويو آهي ته شنگهائي سهڪار تنظيم جو اجلاس هلندڙ سال مئي ۾ ڀارتي شهر گوا ۾ ٿيندو. هوڏانهن ان معاملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري گرفتار، عدالت پنجاب ۽ اسلام آباد جي آءِ جيز کي طلب ڪري ورتو

ٻڌڻي دوران جسٽس طارق سليم شيخ پڇاڻو ڪيو ته فواد چوڌري ڪٿي آهي؟ سيني سان رابطو ڪيو آهي پر پي ٽي آءِ اڳواڻ پنجاب پوليس وٽ نه آهي: سرڪاري وڪيل

آءِ جي پنجاب کي سڏايو، جنهن تي سرڪاري وڪيل جواب ڏنو ته آءِ جي پنجاب به صوبي ۾ نه آهي، پهريان فواد چوڌري کي پيش ڪيو بعد ۾ اوهان کي ٻڌندس

جڊيشل مجسٽريٽ پي ٽي آءِ جي سينيئر اڳواڻ فواد چوڌري جو راهداري ريمانڊ منظور ڪندي ڪيس اسلام آباد جي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ فواد چوڌري کي حبس بيجا ۾ رکڻ خلاف درخواست، عدالت پاران فوري ٻڌڻي، فواد چوڌري جتي به آهي ان کي فوري طور تي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي: عدالت جو حڪم

انتظاميا پاران وقت طلب ڪرڻ تي ڪيس جي ٻڌڻي 3 دفعا ملتوي ڪئي وئي، پوليس فواد چوڌري کي ڪٿي اسلام آباد روانو ٿي وئي آهي (وڪيل) اسلام آباد پهچي به ويا آهن ته ان کي فوري طور تي آندو وڃي: جسٽس طارق سليم شيخ

هڪ ٻيو ڪيس داخل ٿيو آهي (ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب) مان اوهان کي بعد ۾ ٻڌندس، پهريان حڪم تي عمل ڪرايو وڃي: جسٽس طارق سليم شيخ

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ فواد چوڌري کي فوري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏيندي پنجاب ۽ اسلام آباد جي آءِ جيز کي سڏائي ورتو آهي. هاءِ ڪورٽ ۾ فواد چوڌري جي بازيابي بابت درخواست تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق سليم شيخ ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران جسٽس طارق سليم شيخ پڇاڻو ڪيو ته فواد چوڌري ڪٿي آهي؟ جنهن تي سرڪاري وڪيل ٻڌايو ته سيني سان رابطو ڪيو آهي پر پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: گرفتار پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري ميڊيا سان ڳالهائيندي

فواد چوڌري بعد سنڌس ڀاءُ فراز چوڌري به گرفتار

پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري جي گرفتاريءَ خلاف ڪارڪنن جي ٽي روڊ تي احتجاج ڪيو

جنهن ۾ فواد چوڌري جي ڀاءُ فراز چوڌري ۽ اڳوڻي ايم پي اي چوڌري ظفر به موجود هئا

جهلم (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري کي گرفتاري بعد پوليس سنڌس ڀاءُ کي به گرفتار ڪري ورتو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري جي گرفتاريءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: پوليس برقعو پاتل عورت کي گرفتار ڪري وٽانئس 3 ڪلوگرام کان وڌيڪ منشيات هٿ ڪري ورتي

ناهيد جي گرفتاري پي اي سي ايڇ سوسائٽي بلاڪ 6 ۾ چنيسر هالٽ ريلوي ڦاٽڪ وٽان عمل ۾ آئي: ايس ايس پي ايسٽ عبدالرحيم شيرازي

هوءِ مختلف علائقن ۾ منشيات سپلاءِ ڪرڻ ۾ ملوث رهي آهي، گرفتاري وقت جوابدار عورت منشيات سپلاءِ ڪرڻ وڃي رهي هئي

گرفتار جوابدار جاچ دوران انڪشاف ڪيو آهي ته ڪراچي ۾ منشيات سپلاءِ جي ڌنڌي ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي عورتون ملوث آهن: پوليس

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ايسٽ جي ٽيپو سلطان پوليس هڪ ڪارروائي دوران برقعو پاتل عورت کي گرفتار ڪري وٽانئس 3 ڪلو گرام کان وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

فواد چوڌري جي گرفتاري کي سياسي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: مريم اورنگزيب

جيڪڏهن اسان کي سياسي گرفتاريون ڪرڻيون هجن ها ته تحريڪ انصاف جي سموري قيادت هن وقت جيل ۾ هجي ها

عمران خان جي دور ۾ سياسي گرفتاريون ڪيون ويون، سنڌس دور ۾ وزير گرفتارين کان اڳ گرفتارين بابت پريس ڪانفرنس ڪندا هئا

فواد چوڌري خلاف اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي، 9 مهينن کان اسان حڪومت ۾ آهيون: وفاقي وزير

اسلام آباد (م ڊ) سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته فواد چوڌري جي گرفتاري کي سياسي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جيڪڏهن اسان کي سياسي گرفتاريون ڪرڻيون هجن ها ته تحريڪ انصاف جي سموري قيادت هن وقت جيل ۾ هجي ها. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مريم اورنگزيب چيو ته فواد چوڌري جي گرفتاري سياسي نه آهي. عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪندي

جيڪو ڪيس داخل ڪيو ويو ان تي فخر آهي، نيلسن منڊيلا تي به اهڙوئي ڪيس هو: فواد چوڌري

منهنجي عدالتي ۾ پيشي جي موقعي تي پوليس جي ايڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي ڄڻ مان ڪو جيمز بانڊ آهيان

رات دير سان لاهور مان گرفتار ڪيل پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري کي پوليس راهداري ريمانڊ لاءِ ڪينٽ ڪچهري ۾ پيش ڪيو

منهنجي پيشي تي ايڏي پوليس گهرائي وئي آهي ڄڻ مان ڪو جيمز بانڊ آهيان. جهڙي طرح گرفتار ڪيو ويو اهو مناسب نه هو

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي منهنجي عدالتي ۾ پيشي جي موقعي تي پوليس جي ايڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي ڄڻ مان ڪو جيمز بانڊ آهيان رات دير سان لاهور مان گرفتار ڪيل پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري کي پوليس راهداري ريمانڊ لاءِ ڪينٽ ڪچهري ۾ پيش ڪيو جڏهن ته فواد چوڌري جي وڪيلن طرفان راهداري ريمانڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پوليس وارا گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ايف آءِ آر ڏيکارڻ کان سواءِ فواد کي کڻي ويا: حبا فواد

اسان هن کي گرفتاري نه پر اغوا چونداسين، 8 کان 10 پوليس وارا دروازو کولي اسان جي گهر ۾ داخل ٿيا

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري جي گرفتاري بابت سنڌس گهر واري حبا فواد چيو آهي ته اها گرفتاري ناهي پر فواد کي اغوا ڪيو ويو آهي. صحافين سان ڳالهيون ڪندي حبا فواد چيو ته اسان هن کي گرفتاري نه پر اغوا چونداسين. 8 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

راندين جون سرگرميون رواداري کي هٿي وٺرائين ٿيون: سيد مراد علي شاهه

ماڻهن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻين ٿيون ٻي صورت ۾ عدم برداشت اسان جي سماج کي ڳڙڪائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته راندين جون سرگرميون رواداري کي هٿي وٺرائين ٿيون ۽ ماڻهن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻين ٿيون ٻي صورت ۾ عدم برداشت اسان جي سماج کي ڳڙڪائي رهيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان پنجاب جو گورنر محمد بليغ الرحمان ملاقات ڪندي

پ پ چيئرمين بلاول طرفان گل حسن ڪلمتي کي گلدستو پيش

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري محقق ۽ ليکڪ گل حسن ڪلمتي کي گلن جو گلدستا پيش ڪيو صوبائي وزير ۽ پيپلز پارٽي مليرجي جنرل سيڪريٽري ساجد جوکيو پارٽي چيئرمين طرفان گل حسن ڪلمتي کي گلدستا پيش ڪيا. پ پ چيئرمين گل حسن ڪلمتي جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي آهي ٽالپورو محقق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پهرين مرحلي ۾ عوام پ پ جي اميدوارن کي ڪامياب ڪيو: مرتضيٰ وهاب

صوبائي اليڪشن ڪميشن پاران نتيجن جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن کي پهرين مرحلي جي اليڪشن ۾ عوام پاڪستان پيپلزپارٽي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪيو

هاڻي اهو ڪاميابي جو تسلسل حيدرآباد ڊويزن ۽ ڪراچي ڊويزن ۾ پڻ جاري رهندو، حيدرآباد ڊويزن ۾ پهريون دفعو واضح برتري ۽ ڪراچي ڊويزن ۾ به پ پ کي اڪثريت حاصل ٿي آهي

ڪراچي جي عوام چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ عوام نفرتن جي سياست ختم ڪندي مثبت قدمن کي ڏنو: سنڌ حڪومت جو ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) ترجمان سنڌ حڪومت ۽ صلاحڪار قانون بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته صوبائي اليڪشن ڪميشن پاران نتيجن جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن کي پهرين مرحلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: ترجمان سنڌ حڪومت ۽ صلاحڪار قانون بيرسٽر مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس ڪندي

ملڪ ۾ سون مهانگو ٿيڻ جو سلسلو نه بيهجي سگهيو

ڪراچي (م ڊ) سون جو قدر ملڪي تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو ملڪ ۾ في تولو سون 1300 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 90 هزار 600 رپين جو ٿي ويو آهي. اهڙي ريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

واٽر بورڊ ٽيڪس نيٽ تي آڻڻ لاءِ فوري طور تي سني حڪمت عملي اختيار ڪندي موثر قدم کنيا وڃن: سيد صلاح الدين

شهرين جي شڪايتن جي فوري حل لاءِ ڊجيٽل ايپ ٺاهي ويندي ته جيئن شهرين جا مسئلا جلد کان جلد حل ٿي سگهن

شهرين کي بنا وقفي صاف پاڻي فراهم ڪرڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي: سي اي او واٽر بورڊ

وال سسٽم کي وڌيڪ بهتر بڻائي شهرين کي پاڻي جي فراهمي کي بنا ڪنهن فرق جي يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) شهر جي مختلف ڪچي آبادين کي واٽر بورڊ ٽيڪس نيٽ تي آڻڻ لاءِ فوري طور تي سني حڪمت عملي اختيار ڪندي موثر قدم کنيا وڃن ته جيئن ڪچي آبادي جي رهائشين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: سي اي او واٽر بورڊ سيد صلاح الدين احمد جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

سي اي او واٽر بورڊ جو رڪن قومي اسيمبلي ۽ پ پ اڳواڻ قادر خان مندوخيل جي والد جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ۽ سي او او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان پنهنجي جاري ڪيل تعزيتي پيغام ۾ رڪن قومي اسيمبلي ۽ پ پ اڳواڻ قادر خان مندوخيل جي والد محترم جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي وفات کي سوڳوار خاندان لاءِ نه وسرندڙ صدمو ۽ وڏو نقصان قرار ڏيندي چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ واٽر بورڊ جا سمورا آفيسر ۽ ملازم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ترڪ سيڙپڪارن لاءِ سنڌ ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن: جام اڪرام الله ڌاريجو

ترڪي جي 30 وڏين ڪمپنين سان لاڳاپيل واپاري سنڌ جي دوري تي آهن، دوري جو مقصد ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ آهي

ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ آگسٽ 2022ع ۾ هڪ معاهدو ٿيو آهي، پاڪستان ۽ ترڪي جا مختلف شعبن ۾ سٺا واپاري لاڳاپا قائم آهن

ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار جو حجم گذريل ٻن مهينن ۾ 10 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو آهي، جيڪا خوش آئند ڳالهه آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) صنعت ۽ گڏيل امداد واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو آهي ته ترڪي جي سيڙپڪارن لاءِ پاڪستان خاص ڪري سنڌ ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن. ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري لاڳاپن کي هٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

DKIB
MINISTRY OF TRADE
TURKISH EXPORTERS ASSEMBLY
DELEGATION AND B2B MEETINGS
2023 - KARACHI

ڪراچي: صنعت ۽ گڏيل امداد واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سيمينار کي خطاب ڪندي

گئس پهرين جولاءِ کان مهانگي، بجلي سبسڊي ختم ۽ ٽيڪس شرح وڌائڻ جي خاطري

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت آءِ ايم ايف جا سمورا شرط مڃڻ لاءِ تيار ٿي وئي. پهرين جولاءِ کان گئس اگهن ۾ واڌ ۽ بجلي تي ڏنل سموري سبسڊي ختم ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي ڇڏي. پيٽرول تي ليوي به وڌائي ويندي تفصيل موجب پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ ورچوئل ڳالهيون شروع ٿي ويون آهن. جنهن ۾ اسلام آباد جائزي ڪانپوءِ پروگرام بحال ڪرڻ تي اصرار ڪيو ويو. ٽائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان اڳوڻو صدر آصف علي زرداري ملاقات ڪندي

پي ٽي آءِ لاءِ قومي اسيمبلي بعد سپريم ڪورٽ جا دروازا به بند

چو ته پي ٽي آءِ اڳواڻ چيف جسٽس کان اڳواٽ وقت وٺڻ بنا پهچي ويا

پوليس ڪين اهو چئي واپس ڪري ڇڏيو ته اوهان اڳواڻ وقت نه ورتو آهي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف جي وڌيڪ 43 ايم اين ايز جون استعيفائون منظور ٿيڻ ڪانپوءِ قومي اسيمبليءَ مان پي ٽي آءِ جو صفايو ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

گرفتار فقيرياڻي ڪروڙين رپين جي لگزري گاڏي جي مالڪياڻي نڪتي

ابو ظهبي پوليس 6 نومبر کان 12 ڊسمبر 2022 دوران 159 پينن کي گرفتار ڪيو

شهر ۾ پنڻ غير قانوني آهي، تنهن ڪري پينن کي پئسا ڏيڻ بدران رجسٽرڊ تنظيمن کي عطيو ڏيو

ابوظهبي (م ڊ) ابوظهبي ۾ گرفتار ڪيل هڪ فقيرياڻي اهڙي لگزري گاڏي جي مالڪياڻي نڪتي، جنهن جا امير ماڻهو به خواب ئي ڏسي سگهن ٿا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

آئيني اداري جي درخواست تي فواد چوڌري کي گرفتار ڪيو: پوليس

اسلام آباد پوليس کيس گرفتار ڪري وفاقي گاديءَ واري هنڌ وٺي وئي

هاڻي ان حوالي سان اسلام آباد پوليس جو بيان سامهون آيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري جي گرفتاري تي اسلام آباد پوليس جو بيان سامهون اچي ويو آهي. فواد چوڌري کي رات دير سان ٿڪر نياز بيگ وٽان گرفتار ڪيو ويو ۽ رپورٽون آهن ته اسلام آباد پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان جاپان جو قونصل جنرل ملاقات ڪندي

پيپلز پارٽي سنڌ دشمن پارٽي آهي: سيد زين شاهه

هن وقت ملڪي صورتحال سنگين مسئلن بجلي گئس تيل ۽ مهانگائي جي ور چڙهي ويو آهي

ٻاهران آيل امداد ڪرپشن جي ور چاڙهي پنهنجا پيٽ ڀريا جڏهن ته موٽر وي ميگا اسڪينڊل به اوهان جي سامهون آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽر) پيپلز پارٽي سنڌ دشمن پارٽي آهي هن وقت سنڌ جا سمورا وسيلا ڌارين حوالي ڪري سنڌ کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪوٽڙي ۾ شهيد اهلڪار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ريلي ۽ ڌرڻو

شهيد غلام قادر ڪوسو جي وارثن برادري سميت ريلي ڪڍي المدينا چوڪ وٽ ڌرڻو هنيو

غلام قادر ڪوسو 12 ڊسمبر 2022 تي ڊيوٽي دوران هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويو: وارث

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ شهيد اهلڪار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ريلي ۽ ڌرڻو شهيد غلام قادر ڪوسو جي وارثن برادري سميت ريلي ڪڍي المدينا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ترڪي مان آيل امدادي سامان وصول ڪيو

سيلاني انٽرنيشنل ويلفيئر ٽرسٽ جو سربراهه مولانا بشير فاروقي پڻ موجود هو، ٻوڏ متاثرين جي لاءِ ترڪي کان امدادي سامان جا ٻه بحري جهاز ايندا: ڪامران ٽيسوري

جنهن ۾ 864 ٽن امدادي سامان ڪراچي انٽرنيشنل ڪنٽينر ٽرمينل تي پهتو آهي، ٻيو جهاز 4 فيبروري تي 900 ٽن امدادي سامان کڻي ايندو: سنڌ جو گورنر

ڪمبل، سياري جا گرم ڪپڙا، کاڌي پيتي جون شيون ۽ روزاني ضرورت جون شيون شامل هونديون، اهو سامان اين ڊي ايم اي ذريعي ٻوڏ متاثرن ۾ ورهايون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ترڪي جي قونصل جنرل Cemal Sangu کان ترڪي مان آيل امدادي سامان ڪراچي انٽرنيشنل ڪنٽينرز ٽرمينل تي وصول ڪيو. ان موقعي تي سيلاني انٽرنيشنل ويلفيئر ٽرسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صوبائي وزير ناصر شاهه سان مراڪشي وفد جي ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ جي سوئيپ پروجيڪٽ جي تحت جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي وڌيڪ معياري بڻايو ويندو: ناصر شاهه

صوبي سنڌ ۽ خاص طور تي ڪراچي ۾ ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ، سيوريج ٽريٽمينٽ ۽ ويسٽ ٽو انرجي جي سيڪٽر ۾ سيڙپڪاري جا منافعي بخش موقعا موجود آهن

سوئيپ پروجيڪٽ ۽ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ جي ماهرن تي ٻڌل بهترين ٽيم ويسٽ جي حوالي سان قدمن ۾ مصروف آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) صوبائي وزير مڪاني ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ سنڌ سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ جي سوئيپ پروجيڪٽ جي تحت جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي وڌيڪ معياري بڻايو ويندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: آئي جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو ڏوهن جي صورتحال بابت حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪندي

شرجيل انعام ميمڻ سينيئر صحافي طاهر حسن خان جي والده جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سينيئر صحافي طاهر حسن خان جي والده جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن پنهنجي جاري بيان ۾ چيو آهي ته طاهر حسن خان ۽ ڏکايل خاندان سان هن ڏک جي گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون هن الله تعاليٰ کان دعا ڪئي ته هو مرحوم جي مغفرت فرمائي ۽ ڪين پنهنجي جوار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

خيبر پختونخواهه ۾ نگران ڪابينه جي جوڙجڪ تي ڊيڊ لاڪ برقرار

خيبرپختونخواهه ۾ نگران ڪابينه جا نالا فائنل ناهن ٿي سگهيا ۽ پي ڊي ايم پارٽيون به اڃان تائين پنهنجا نالا فائنل ناهن ڪري سگهيون

اڪرم خان دراني جي ٻن ڏينهن ۾ خيبر پختونخواهه جي گورنر سان ٻئي ملاقات ٿي آهي، 8 ڪلاڪن کان وڌيڪ گورنر هائوس ۾ موجود رهيو

پي ڊي ايم نگران ڪابينه جي لاءِ 16 کان 18 نالن جي لسٽ تيار ڪري ورتي آهي جڏهن ته وڏو وزير اعظم خان مختصر ڪابينه ٺاهڻ جو حامي آهي

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي نگران ڪابينه جي جوڙجڪ تي گورنر ۽ اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ اڪرم دراني ڪنهن نتيجي تي ناهن پهچي سگهيا. ذريعن موجب خيبرپختونخواهه جو گورنر غلام علي ۽ اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ اڪرم خان دراني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

انٽيليجنس ادارن ڀارت جي فالس فليگ آپريشن جو پول پڌرو ڪري ڇڏيو

پاڪستان جي انٽيليجنس ادارن ڀارت جي فالس فليگ آپريشن منصوبي جو پتو لڳائي ورتو

ڀارتي جمهوري ڏهاڙي جي موقعي تي والاريل ڪشمير ۾ مبينا دراندازي جو منصوبو جوڙيو ويو آهي

پاڪستاني انٽيليجنس ادارن ڀارتي منصوبي جي ٽن اهم ڪردار جو پتو به لڳائي ورتو آهي: ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان جي انٽيليجنس ادارن ڀارت جي فالس فليگ آپريشن منصوبي جو پتو لڳائي ورتو ڀارتي جمهوري ڏهاڙي جي موقعي تي والاريل ڪشمير ۾ مبينا دراندازي جو منصوبو جوڙيو ويو آهي ۽ والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: تحريڪ انصاف وسطي پنجاب جي صدر ڊاڪٽر ياسمين راشد ميڊيا سان ڳالهائيندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس احمد علي شيخ ۽ جسٽس سعيد يوسف تي ٻڌل ٻڌڻي تي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس احمد علي شيخ ۽ جسٽس سعيد يوسف تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ توهين اليڪشن ڪميشن جي نوٽيس جي خلاف پي ٽي آءِ جي اڳواڻ اسدعمر جي درخواست جي ٻڌڻي ڪئي. چيف جسٽس پنهنجي رمارڪس ۾ چيو ته ان حوالي سان سپريم ڪورٽ جو فيصلو اچي ويو آهي. اسدعمر جي وڪيل انورمنصور خان سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڀيڻور پرسان هرجنا سالٽ لوڻ جي ڪمپني ۾ ڪم ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

مائنس اينڊ منرل ڊپارٽمينٽ جي زيادتين ۽ لوڻ جو ڪم بند ڪرائڻ خلاف مزدورن ڪم ڇڏي احتجاج ڪيو

اسان کي هن مهانگائي جي دور ۾ بيروزگار ڪري ٻچن کي بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، فوري اسان سان انصاف ڪري اسان کي بيروزگار ٿيڻ کان بچايو وڃي: مطالبو

گهارو(بشام جوکيو)ڏاڀيجي سنڌ جي تاريخي ماڳ ڀيڻور پرسان سن 1952 کان قائم هرجنا سالٽ لوڻ جي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ مزدور طبقي جون مائنس اينڊ منرل ڊپارٽمينٽ جي بدمائشي ۽ لوڻ جو ڪم بند ڪرائڻ خلاف مزدورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهارو: لوڻ جي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ملازم احتجاج ڪندي

ميهڙ پرسان ٻوڏ متاثرين جي نياڻي ٽڏ سبب فوت

ميهڙ(رپورٽر)ميهڙ لڳ ڳوٺ نور محمد بروهي ۾ ويٺل ٻوڏ متاثرين جي نياڻي ٽڏ سبب 2 سالن جي زينت ڌي علي گوهر بروهي فوت ٿي وئي ساڳئي ڳوٺ ۾ ٽڏ سبب فوتين جو انگ وڌي 4 ٿي ويو هنن چيو ته برسات دوران اسان جا گهر ڊهي پٽ ٿي ويا آهن اسان غريب مسڪين آهيون هنن سنڌ حڪومت عالمي ڊونرن ۽ ٻين وس وارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو محمد خان پرسان ڪڪائون گهرن ۾ اوچتي باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ بسبب 4 گهر سڙي رک ٿي ويا، گهرن ۾ پيل سامان سڙي ويو

گهر ۾ کائڻ پيئڻ جو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي، واهر ڪئي وڃي: متاثر

ٽنڊو محمد خان(بر مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان پرسان ڳوٺ پير مدار شاهه ۾ ڪڪائون گهرن ۾ ارچتي باهه لڳي وئي جنهن سبب 4 گهر سڙي رک ٿي ويا ڪڪائون گهرن جي مالڪن احمد علي، محمد علي، سليمان، منثار ڌاتهيندي ٻڌايو ته گهرجي چلهه مان باهه لڳي آهي جنهن 4 گهرن کي لپيٽ ۾ آڻي رک ڪري ڇڏيو آهي گهر ۾ پيل بسترا، ڪٽون، روڪ رقم ./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪيڙڻ جي استادن ۾ جهيڙي وارو معاملو، گوسڙو استاد خلاف ڪارروائي جي سفارش

استاد امتياز عمراڻي اسڪول جي هيڊ ماستريائي تنجيلا کان چارج وٺڻ جي ڪوشش ڪئي: فهميده جماڻي

امتياز عمراڻي پاران مون کي ڌمڪايو پيو وڃي، نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي: ماستريائي تنجيلا زهرا

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڪيڙڻ پرسان ڳوٺ تماچي بجير پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستريائي ۽ هڪ استاد تي پ ٽ الف جي اڳواڻ طرفان تشدد ڪرڻ ڪرڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺندي سيڪريٽري تعليم طرفان جوڙيل جانچ ٽيم پاران ب بـ ٽ الف جي اڳواڻ امتياز عمراڻي کي گوسڙو ماستر هٿڻ سميت هيڊ ماستريائي ۽ استاد تي تشدد ڪرڻ جو مرتڪب قرار ڏئي ڇڏيو سيڪريٽري تعليم کي رپورٽ پيش ڪري استاد خلاف ڪاروائي جي سفارش ڪري ڇڏي امتياز عمراڻي کي شوڪاز نوٽيس جاري تفصيل موجب ڪجهه ڏينهن پهرين ب ٽ الف بدين جي اڳواڻ بدين تعلقي جي ڳوٺ تماچي بجير جي پرائمري اسڪو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين: اسڪول ۾ استاد جي تشدد جي شڪار ٿيل ماستريائي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ميهڙ ۾ هاري اڳواڻ غلام رسول عرف ڪامريڊ بگن جي ورسي ملهائي وئي، پيتا پيش

ميهڙ(رپورٽر)عوامي جمهوري پارٽي پاران ناميارو هاري اڳواڻ ڪامريڊ غلام رسول عرف ڪامريڊ بگن جي ورسي ملهائي وئي ، ورسي تقريب ۾ شاعرن اديبن ، وڪيل ، صحافين ۽ عوامي جمهوري پارٽي جي ڪارڪنن ، اڳواڻن عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي صدر سيد لعل شاهه ايڊووڪيٽ ، حبيب حضوري ، ميهڙ بار جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪي اين شاهه پرسان اغوا ٿي ويل نوجوان قتل، هٿ پير ٻڌل لاش هٿ

ڳوٺ مراد خان ٻبر واسي 17 ورهين جي نوجوان ظفر علي ٻبر ٻه ڏينهن کان لاپتا ٿي ويو هو

واقعي خلاف وارثن پاران انصاف جي لاءِ انڊس هاءِ وي تي لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو، نعريبازي

اسان جي نوجوان کي غلام مصطفيٰ ٻبر ۽ ٻين اغوا ڪيو هو، اطلاع به ٿاڻي ڏنو هو: وارث

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه لڳ ڳوٺ مراد خان ٻبر واسي نوجوان ٻه ڏينهن اڳ مبينا اغوا بعد قتل هٿ پير ٻڌل گوليون لڳل لاش هٿ، تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ڳوٺ مراد خان ٻبر واسي 17 ورهين جي نوجوان ظفر علي ٻبر جيڪو ٻه ڏينهن کان لاپتا هيو جنهن جو اڄ پاڻي مان هٿ پير ٻڌل ۽ گوليون لڳل لاش هٿ آيو آهي وارثن جو چوڻ هيو ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز ۾ 4 شاخن جي ڪمن ۾ ناقص مٽيريل جو استعمال، ڳوٺاڻن پاران احتجاج

جسڪاڻي شاخ جي آس پاس ڳوٺن جي ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري ٺيڪيدارن خلاف احتجاج ڪيو، سخت نعريبازي

شاخن جي ڪم ۾ 1.2 جو ريشو استعمال ڪرڻو آهي ٺيڪيدار شاخن جي ڪم ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪري ٿو: مظاهرين

ٺيڪيدار طارق مسعود عرف پپو چنو ڪم صحي ڪم نٿو ڪري جنهن جي خلاف اسان ان وقت تائين احتجاج جاري رکنداسين

نوشهروفيروز(د ر)روهڙي ڊويزن مورو ۾ 4 شاخن جسڪاڻي، مينگلو لنڊڪي، گجيرو پکو ڪرڻ واري ڪم لاءِ سنڌ حڪومت پاران 1 ارب 30 ڪروڙ رپين جي رقم ٺيڪيدار طارق مسعود عرف پپو چنو کي جاري ڪيا آهن جيڪو شاخن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: شاخن جي ڪمن ۾ ناقص مٽيريل جو استعمال ڪيو ويو

سيوهڻ شهر جي مختلف علائقن ۾ گندگي جو آزار وڌي ويو

سيوهڻ(رپورٽر) سيوهڻ شهر جي پٽي محله سيوهڻ جي وزير احمد ميمڻ فريد احمد ميمڻ جن جي گهٽي جيڪا مرجان هوٽل سيوهڻ جي پلئيان واري گهٽي آهي جنهن ۾ گندگي وڌي ويئي آهي ميونسپل انتظاميه سيوهڻ هن گهٽي جي صفائي ڪرائڻ ۾ بلڪل ناڪام نظر اچي رهي آهي جڏهن ته هيءَ گهٽي پٽي محله سيوهڻ کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڏيئي جي مختلف اسڪولن پاران پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جي خون جي انصاف لاءِ مظاهر

الزمان پبلڪ اسڪول جي پرنسپال سائين مرتضي جمالي، رمضان اديجو، حبدار خاصخيلي ۽ شاگردن سنڌو جمالي، ديا ٻائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

هو اردو ٻولي جو ليڪچرار طور پڙهي ٿيو پر بدقسمتي سان هڪ ڳجهارت بڻيل حادثي جو شڪار ٿي ڏاڪٽي سنڌ جي تعليم جو ڏيئو وسامي ويو: مظاهرين

سنڌ تي هڪ اهڙو ظالم طبقو حڪمران آهن جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي، معاملي جو نوٽيس وٺي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) ڏيئي شهر ۾ الزمان پبلڪ اسڪول ۽ ڏيئي جي مختلف اسڪولن طرفان پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جي خون جي انصاف لاءِ احتجاجي مظاهر ڪيو ويو مظاهري کي الزمان پبلڪ اسڪول جي پرنسپال سائين مرتضي جمالي، رمضان اديجو حبدار خاصخيلي ۽ شاگردن سنڌو جمالي، ديا ٻائي، جواد قمبراڻي، آڪاش ڪمار ۽ ٻين شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سي پي ڊي آءِ بجيٽ شفافيت جي صورتحال بابت سالياني رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

رپورٽ ۾ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي بجيٽ جي عمل ۾ خامين جي نشاندهي ڪئي وئي ۽ بجيٽ تجويزن تي زور ڏنو ويو

ٽي ماهي توڙي سالياني آڊٽ رپورٽون باقاعده طور تي آڊيٽر جنرل جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيون وڃن: ترجمان

حڪومتي ادارن کي گهرجي ته هو بجيٽ جي مختلف مرحلن دوران شهرين سان صلاح مشورا ڪن

ٽنڊو محمد خان(در مظفرعلي بروهي) سي پي ڊي پاڪستان پاران بجيٽ شفافيت جي صورتحال تي سالياني رپورٽ جاري ڪري ڇڏي ان سلسلي ۾ سنڌي ادبي سنگت هال سوڪ سينٽر ٽنڊومحمدخان ۾ انڊس فيوچر فائونڊيشن جي چيئرمين اصغر لغاري ، ب ٽ الف اڳواڻ شاهنواز مهر، سماجي رضاڪار اڳواڻ رضيه سهتو ، اديب شاعر اعجاز جسڪاڻي ۽ ٻين چيو ته پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

Stakeholders Dialogue on
Transparent Budgeting
ٽنڊومحمدخان: سنڌي ادبي سنگت هال سوڪ سينٽر ۾ تقريب جو ڏيک

ڪشمور: سوئيڊن ۾ پاڪ ڪتاب جي بيحرمتي خلاف سني تحريڪ پاران احتجاجي ريلي، ڌرڻو

ڪشمور(رپورٽر) ڪشمور ۾ به سوئيڊن ۾ پاڪ ڪتاب جي بي حرمتي خلاف سني تحريڪ پاران جامع قادريه مسجد کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو ريلي ۾ ڪشمور جي سياسي سماجي شخصيتن جي شرڪت ، پاڪستان حڪومت کان سوئيڊن حڪومت سان لاڳاپا ختم ڪرڻ جو مطالبو. خبرموجب: /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

وارهه شهر جي واحد تفريحي راندين جي گرائونڊ ۾ 3 مهينن کان پاڻي بيٺل

پاڻي بيهڻ سبب ڪرڪيٽ پچون ٽٽي ويون، نوجوان طبقو راندين جي صحت مند تفريح کان محروم

ٻوڏ ۾ اسان جي گرائونڊ تي ڪم و بيش ٽي مهينا پاڻي بيهڻ جي ڪري پچون ٽٽي ويون آهن : رانديگر

عوام محروم هجڻ سبب صحت مند سرگرمين جي سهولتن جي نه هئڻ ڪري مختلف مرضن ۾ وڪوڙجي رهيو آهي

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه شهر جي واحد تفريحي راندين جي گرائونڊ تي ٽي مهينا برسات ۽ ٻوڏ جو پاڻي بيهڻ ڪري ڪرڪيٽ پچون ٽٽي ويون نوجوان طبقو راندين جي صحت مند تفريح کان محروم ، رانديگرن پاران گرائونڊ جي بحالي جو مطالبو، خبر موجب گذريل تيز طوفاني برسات ۽ وارهه گهاڙ درين کي پيل گهارن جي پاڻي جتي انساني زندگي کي مفلوج ڪري غريبن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

کانوٽ پرسان بجلي پول ڌماڪي سان ڪري پيو، فراهمي بند، انتظاميا ۾ ٽرٽلو

اين ٽي ڊي سي جو 500kv پول ڌماڪي سان ڪري پوڻ سان علائقي ۾ بجلي بند ٿي وئي

بجلي جو پول ڪرڻ سبب انتظاميا ۾ ٽرٽلو مچي ويو، هر طرح جي وڏيڪ جاچ هلندڙ آهي: پوليس

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)کانوٽ پرسان اين ٽي ڊي سي بجلي پول ڌماڪي سان ڪري پيو بجلي فراهمي بند انتظاميا ۾ ٽرٽلو تفصيل موجب منظور آباد پرسان کانوٽ ٿاڻي جي حد ۾ اين ٽي ڊي سي جو 500 kvپول ڌماڪي سان ڪري پيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو باگو ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج

غلطين جون گريس مارڪون نه ڏنيون ويون پوءِ به اسان کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي: اميدوار

انصاف نه ٿيو ته اسان ڊگريون ۽ تعليمي سرٽيفڪيٽ بلاول هائوس آڏو ساڙينداسين

ٽنڊوباگو(رپورٽ:۔سهيل سمون) بدين ضلعي جي آئي بي اي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن جو سنڌ جي تعليم کاتي پاران ٻٽي پاليسي ڪرڻ، هارڊ ۽ سافٽ ايريا ڪري سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ ۽ کين نوڪرين ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف ٽنڊوباگو پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

آئي بي اي سکر 2021
JEST,PST
نامنظور نا منظور دوهري پاليسي نا منظور
ٽنڊوباگو: آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج ڪندي

سلطانپور ۾ ”محبت رسول ڪانفرنس“ منعقد

ڪانفرنس جي صدارت پير آف پرچونڊي پير ميان عبدالخالق قادري ڪئي

سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت، سڄي جماعت ۾ لنگر عام تقسيم ڪيو ويو.

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور پرسان ڳوٺ ميان محمد صالح انڊڙ المعروف فقير ڳوٺ ۾ 23 هين سالياني "محبت رسول ڪانفرنس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

اسان جي اڳواڻن تي هٿ ٺوڪيا الزام هڻي گرفتار ڪيو پيو وڃي: امجد شاهه ۽ ٻيا

امپورٽيڊ حڪومت اسان جي قائدين ۽ ڪارڪنن خلاف انتقامي ڪاروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن

هن جو اهو پيشو بڻجي ويو آهي ته اقتدار ۾ اچي ماڻهن کي ماريو يا انهن کي جيل ۾ وجهو: ڳالهيون

ٺٽو(د ر) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي سينيئر نائب صدر سيد امجد شاهه نائب صدر آصف راڄڙ ، پي ٽي آئي ليبر ونگ سنڌ جي اڳواڻ اعجاز احمد ٽوناري، جاويد لطيف ميمڻ، پي ٽي آئي وومن ونگ جي اڳواڻ افروز شورو ، شهناز بلوچ. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏيئي پرسان ڳوٺاڻن ٽئين ڏينهن به پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ميٺان جي رهواسين سهولتن جي کوٽ خلاف پوليو جي ٽيم کي واپس موٽائي ڇڏيو

اسڪول جي عمارت نه ٺهڻ تائين بائيڪاٽ جاري رکڻ جو اعلان، نوٽيس وٺي واهر ڪرڻ جي اپيل

بدين/ ٽنڊوباگو(نمائندن وٽان) ڏيئي لڳ ڳوٺ ميٺان جي رهواسين رمضان درس، شاهد درس، مهراڻ درس نور محمد ابڙو، نور محمد واڍو، گل محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين: ڳوٺاڻا ٽئين ڏينهن به پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪندي

ماتلي ۾ مختيارڪار ڪاڏي پيتي جي شين جو سرڪاري اگهه چيڪ ڪرڻ نڪري پيو

جيڪڏهن ڪنهن به دوڪاندار واپاري هٿرادو مهانگائي ڪئي ته ڪارروائي ڪنداسين: مختيارڪار

سرڪاري اگهن تي عمل ڪيو وڃي عوام کي ڪٿي به آهي شڪايت ڪري نشاندهي ڪن: ذوهيب ميمڻ

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) مختيارڪار ماتلي زوهيب ميمڻ ڪاڏي پيتي جي شين جو سرڪاري اگهن تي وکرو تي عمل ڪرائڻ لاءِ مارڪيٽ ۽ بازار ۾ نڪري پيو تفصيل موجب ماتلي تعلقي جي مختيارڪار زوهيب ميمڻ ڪاڏي پيتي جي شين اگهن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دڙو ۾ بيواهه عورت پاران ٻارن سميت احتجاج، انصاف جي گهر

بااثرن جعلي ڪاغذ ٺاهي ملڪيتن تي مبينا قبضو ڪري ورتو آهي: عورت

نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

دڙو (ن سنڌ يار) آمريڪي شهريت رکندڙ پاڪستاني بيواهه عورت جو ٻارن سميت احتجاج، ملڪيتن تي قبضو ڪندڙ جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو سنڌ هائي ڪورٽ جي وڪيل امر جمالي پاران مبينا جعلسازي ذريعي ملڪيتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

We Need Justice
Give Back Our Property
دڙو: آمريڪا ۾ رهندڙ بنگر فيملي جا ٻارڙا احتجاج ڪندي

نوشهروفيروز پرسان هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

هيپاٽائٽس جي ڊاڪٽر عاليه جلباڻي 1234 مريضن جو چيڪ اپ ڪري مفت دوائون ڏنيون

اسان برسات متاثر علائقن ۾ مسلسل ميڊيڪل ڪيمپون لڳائي رهيا آهن: اعجاز ممڻائي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)سماجي تنظيم يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ۽ صادق فائونڊيشن ڪاهي ممڻ پاران ڳوٺ رب رکيو سولنگي ۾ هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ سينئر فزيشن ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽون ديرو ۾ دوائيز مافيا پاران بينظير انڪم سپورٽ جي قسط مان ڪٽوتي جاري

پيسا نه ڏيندڙ عورتن کي سڄو ڏينهن انتظار ڪري بنا جواز رسوا ڪيو وڃي ٿو: ذريعا

معاملي ج نوٽيس وٺي ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري سزا ڏني وڃي: عورتون

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) ٺٽون ديرو پوليس اسٽيشن جي سامهون دوائيز مافيا پاران حسنين ڪميونيڪيشن جي ٿالي تي دوائيز هلائيندڙ شعيب علي ۽ فدا حسين پٽو ۽ ايجنٽن پاران يتيم مسڪين ۽ بيواهه عورتون کان بينظير انڪر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽي ۾ بي گهر ماڻهن ۾ سردي کان بچاءَ لاءِ گرم ڪمبل، ڪپڙا ۽ سوئيٽر تقسيم

غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ وڏو ثواب آهي: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون

ضلعي انتظاميه مستحق، ڪمزور لاچار بي سهارا ۽ بي گهر ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ مصروف آهي

ٺٽو(ڊر) اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر ۽ ٻين عملدارن مڪلي ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ رهندڙ غريب ۽ مسڪين، بي سهارا ۽ بي گهر ماڻهن ۾ سردي کان بچاءَ لاءِ گرم ڪمبل. ڪپڙا ۽ سوئيٽر ورهايا. ان مرقعي تي ايڊيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو: بي گهر ماڻهن ۾ سردي کان بچاءَ لاءِ گرم ڪپڙا تقسيم ڪيا پيا وڃن

جهمپير پرسان ڪوئلي جي اونهي کاڻ ۾ حادثو، 3 پورهيت دٻجي فوت

4 ڪم ڪندڙ مزدور نواز ڪوئلي کاڻ ۾ پاڻي پرڻ ٽوڙي پٽ ڊهي پوڻ سبب ڏٻجي فوت ٿي ويا

هڪ کي بچايو ويو، فوتين ۾ اياز خان ولد فضل گل، سيد قيوم شاهه ۽ رحمان ولد وزير خان شامل

لاش مقامي اسپتال ۾ پهچائي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا، گهرن ۾ ڪهرام

ٺٽو(جاويد ميمڻ)جهمپير لڳ ميٽنگ ريلوي اسٽيشن جي ويجهو ڪوئلي جي کاڻ ڪم ڪندڙ 4 مزدور ڏٻجي ويا جن مان ٽي مزدور فوت ٿي ويا جڏهن ته هڪ کي بچايو ويو ٻڌايو پيو وڃي ته جهمپير لڳ ڊاڪٽر ليز زرنواز ٽالي ڪوئلي جي کاڻ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽو: ڪوئلي جي اونهي کاڻ ۾ حادثي سبب ڏٻجي فوت ٿي ويل 3 پورهيتن جا لاش ڪڍيا پيا وڃن

شڪارپور پوليس جي ڪارروائي، ڌوهاري ٽن ساٿين سميت گرفتار

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس جي ڪارروائي، لکي ۾ پوليس مقابلي کان پوءِ زخمي ڌوهاري 3 ساٿين، هٿيارن ۽ ميهڙ مان ڦر ٿيل شهزور جيڪ سميت گرفتار. ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي جي سخت هدايتن تي شڪارپور پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. ان سلسلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شيخ پرڪيو پوليس جي ڪارروائي، پوليس اهلڪار ٽرانسفامر چورن جو ساٿاري نڪتو

پوليس اهلڪار محمد سليم ملڪ سميت رسول بخش ماڇي دوست علي ۽ ٻين سميت گرفتار ڪيو ويو

ٽرانسفارمر چوري جي الزام هيٺ گرفتار جوابدارن مٿان به ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن : پوليس

ٽنڊو محمد خان(بر مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو پوليس جي ڪاروائي شيخ پرڪيو پوليس اهلڪار بجلي جي ٽرانسفامر چورن جو ساٿاري نڪتو شيخ پرڪيو پوليس جي ڪاروائي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي ٽرانسفارمر چوري ۾ ملوث گينگ ۾ هڪ ٽريفڪ پوليس اهلڪار محمد سليم ملڪ سميت رسول بخش ماڇي دوست علي ماڇي نواب چانگ علي غلام ماڇي کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

خانپور مهر ۾ ڪدڙا فقير پاڻ ۾ وڙهي پيا، هڪٻئي مٿان لٺن مڪن ۽ ٺونشن جو وسڪارو

هڪٻئي سان جهيڙيندڙ خانپورمهر ۽ گهوٽڪي جي ڪدڙن جو هڪٻئي خلاف احتجاج ڪيو ويو

علائقي ۽ راڄ وارا به اسان کي ورهين کان خيرات ڏيندا آهن، اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ گهوٽڪي ۽ خانپورمهر جا ڪدڙا فقير پاڻ ۾ وڙهي پيا، هڪٻئي مٿان لٺن مڪن ۽ ٺونشن جو وسڪارو، ڪدڙا فقير وارن مان جهلي هڪٻئي کي گهليندا رهيا.. هڪٻئي سان جهيڙيندڙ خانپورمهر ۽ گهوٽڪي جي ڪدڙن جو هڪٻئي خلاف احتجاج خبر موجب گهوٽڪي جا ڪدڙا فقير خانپورمهر جي مهرو واهه محلي ۾ هڪ شهري جي گهر ۾ پٽ ڄمڻ جي خوشي جي خيرات مرادي وٺڻ لاءِ پهتا ته خانپورمهر جا ڪدڙا فقير به پهچي ويا جنهن دوران گهوٽڪي ۽ خانپورمهر جي ڪدڙن فقيرن جي ٻن گروپن ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران ڪدڙن فقيرن هڪٻئي مٿان لٺن مڪن ۽ ٺونشن جو وسڪارو لائي ڏنو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور: ملنگ شاهه بابا درگاهه پرسان هٿ آيل نوجوان جو گوليون لڳل لاش

روهڙي پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مبينا مقابلو، هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ پوليس ۽ ڌوهارين جي وچ ۾ مبينا مقابلو، هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار اسلحو برآمد، ٻيا ساٿي فرار. علائقي ۾ آپريشن جاري، روهڙي پرسان اچيون ٿيون جي علائقي جاڙي ماءُ لنڪ رود تي پوليس ۽ ڌوهارين جي وچ ۾ مبينا پوليس مقابلو، هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ٻيا ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور ۾ ملنگ شاهه بابا درگاهه پرسان نوجوان جو گوليون لڳل لاش هٿ

اطلاع تي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال پهچايو

نوجوان جي سڃاڻپ شڪارپور جي منڊي ڦاٽڪ واسي علي جان بروهي طور ٿي آهي : پوليس

سنڌس جي وارثن کي اطلاع ڏنو ويو آهي ۽ واقعي جي جاچ ڪريون ٿا، ڪارڻ معلوم ڪيو ويندو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور جي علائقي نيو فوجداري ٿاڻي جي حد زرخيل لنڪ روڊ تي ملنگ شاهه بابا درگاهه پرسان نوجوان جو گوليون لڳل لاش هٿ آيو. اطلاع تي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال شڪارپور پهچايو جتي مقتول نوجوان جي سڃاڻپ شڪارپور جي منڊي ڦاٽڪ واسي علي جان بروهي طور ٿي آهي.ان حوالي سان پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پڙيارو ويجهو گذرندڙ نصرت ڪئنال مان غير قانوني مٽي ڪڍڻ جو سلسلو جاري

ڪلي ڪچهري ۾ دانهن تي تدارڪ نه ٿيو بند ڪمزور ٿيڻ سان ڪيڏي مهل ۾ ڪمزور هنڌن تان ڪيڏي مهل ڳهاري پوڻ جا امڪان

ڪئنال جي ڪپرن مان مٽي ڪڍڻ جو سلسلو فورن بند ڪيو وڃي ٻي صورت ڳوٺاڻا سخت احتجاجي مظاهرو ڪندا : سڄاڻ ذريون

آبپاشي عملدارن ۽ بااثرن ۽ ڪرين مشينن جي ٺيڪيدان جي ملي ڀڳت سان سلٽ کي ٽوڙي بندن کي ڪمزور ڪيو پيو وڃي: ذريعا

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پڙيارو ويجهو گذرندڙ نصرت ڪئنال (سداواهه) ۾ بندي ۽ سبب بااثرن ڪرين جا ٺيڪيدارن ۽ آبپاشي عملدارن جي ملي ڀڳت ڪئنال جي ڪپرن مان ڪرين مشينن ذريعي روزاني بنياد غير قانوني مٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهرو فيروز: نصرت ڪئنال مان ڪڻي پٽي وڃي

سيوهڻ ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي نه ڏيڻ ۽ گندو پاڻي سپلاءِ ڪرڻ خلاف احتجاج، ڌرڻو

سيوهڻ(رپورٽر)سيوهڻ شهر ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي نه ڏيڻ گندو پاڻي سيوهڻ شهر کي سپلاءِ ڪرڻ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سيوهڻ ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف پارٽي سيوهڻ ۽ سيوهڻ شهر جي عوام پاران ڏمال چوڪ جيڪو هائي قل چوڪ جي ٿالي سان چوڪ سڏيو وڃي ٿو اتي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻن ۽ تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

غوثپور ۾ اغوا ٿي ويل مزدا ڊرائيور ظفر الله گولو جي بازيابي لاءِ پوليس پاران آپريشن

پوليس ٽيغاڻين سبزوئين جي گهرن تي چڙهائي ڪري سرچ آپريشن ڪيو، ڌوهاري گهر ڇڏي فرار ٿي ويا

پوليس شڪ جي بنياد تي گهرام ۽ علي نواز سميت ٻن پٽن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

مغوي ڊرائيور جي بازيابي لاءِ ڪاروايون جاري رهنديون ۽ ڪنهن سان به رعايت نه ٿيندي: ايس ايڇ او

غوثپور (عبدالنبي ملڪ)غوثپور ضلعي ڪشمور جي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري به ڏينهن اڳ اڻ ڄاتل هٿياربندن هٿان مبينه اغوا ٿيل ڪنڊڪٽر جي مزدا ڊرائيور ظفر الله گولو جي بازيابي لاءِ اڄ ٻئي ڏينهن به ڳوٺ ٽيغوجي ڪچي واري علائقي جي ٻن ڳوٺن غوث بخش ٽيغاڻي ۽ گلشير ٽيغاڻي تي ايس ايڇ او ڪرمپور وزير علي سمون جي اڳواڻي ۾ ٽيغاڻين سبزوئين جي گهرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد پاران ٽنڊو محمد خان جي اسڪولن جا دورا

بائيوميٽرڪ ۾ غيرحاضر جاٿايل استادن جي مسئلن تي ٻڌڻي، شفيع محمد سنيو جي پاڻٽي جي وفات تي تعزيت ڪئي

داخلا مهم ۾ تيزي آندي وڃي، ٻارڙن خاص ڪري نياڻين کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ڀرپور اپاءَ ورتا وڃن: ڊائريڪٽر تعليم

اسان جي پهرين ترجيح پرائمري کان ميٽرڪ تائين ٻارڙن کي مفت تعليم فراهم ڪرڻ آهي: احمد دين ميراڻي جون ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊومحمد خان(د ر مظفر علي بروهي) ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن احمد دين ميراڻي جو ٽنڊومحمدخان جي مختلف اسڪولن جو وزٽ . بائيوميٽرڪ ۾ غير حاضر جاٿايل استادن جي مسئلن تي ٻڌڻي، ب ٽ الف اڳواڻ حاجي شفيع محمد سنيو جي پاڻٽي جي وفات تي تعزيت ڪئي . ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن احمد دين ميراڻي جو ٽنڊومحمدخان جي مختلف اسڪولن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڊومحمد خان: ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن احمد دين ميراڻي ۽ ٻيا ميڊيا سان ڳالهائيندي

ميهڙ ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران احتجاج، نعريبازي

ميهڙ(رپورٽر)آ بي اي ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪ کنيل اميدوارن سنڌ ۾ استادن جي ڀرتين ۾ ٻٽي پاليسي خلاف سچ شهيد عاشق حسين پارڪ کان ميهڙ پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاج وزيرتعليم سنڌ سيد سردار شاهه خلاف سخت نعري بازي ڪئي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب سنڌ ۾ آ بي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شڪارپور: 5هين سنڌ ڪاليج گيمز جاري، رتوديرو ۽ ٿل جي ڪاليجز ٽيمن ۾ ميچ کيڏيو ويو

ڪرڪيٽ ميچ دوران اڳوات کيڏندي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج رتوديرو جي ٽيم 140 رنسون ناهيون

ميچ جي ٻي اننگز ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٿل جي پوري ٽيم 48 رنسن تي آل آئوٽ ٿي وئي

اعزازي مهمانن ۾ سينيئر ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن ذوالفقار حسين ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) 5هين سنڌ ڪاليج گيمز 2023ع جي حوالي سان ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ جي نگراني ۾ ستن ڏينهن ڪاليج ايجوڪيشن لاڙڪاڻو ريجن جون برائز ڪرڪيٽ ميچون بي سي بي گرائونڊ شڪارپور ۾ کيڏيون ويون پهرين ميچ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج رتوديرو ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٿل ۾ کيڏي وئي. اڳوات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 26 جنوري 2023ع

ملڪ ۾ مهانگائي، حڪومتي قدم ۽ وڌندڙ خودڪشيون

ملڪ ۾ مهانگائي هاڻ ايتري ته وڌي وئي آهي جو ان کي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ به نه ٿو چئي سگهجي. هاڻ ته ان لاءِ نئون اصطلاح جوڙڻو پوندو ته مهانگائي ستين آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي. ان ۾ گهٽتائي اچڻ جو يا عوام کي ڪو رليف ملڻ جو ڪو امڪان ئي نظر نه اچي رهيو آهي. پاڻ ان ۾ اضافي جو خوف آهي. هونئن به هاڻ هر روز نئين بجيٽ اچي رهي آهي، هر روز مارڪيٽ ۾ شين جا اگهه نوان هوندا آهن. وچولو طبقو ختم ٿي ويو آهي. هاڻ ملڪ ۾ رڳو 2 طبقا آهن هڪ انتهائي غريب ۽ ٻيو انتهائي امير. وچ ۾ جيڪو وچولو طبقو هوندو هو اهو هاڻ رهيو ئي نه آهي. مهانگائي روڪڻ لاءِ حڪومت دعوائون ته وڏيون ڪري رهي آهي پر انهن دعوائن کي ساپيان ٿيندي نه پيا ڏسون. نه رڳو وفاقي حڪومت پر صوبائي حڪومتون به ڪجهه نه ڪري رهيون آهن. مٿان وري اهي خوف ڏياريا پيا وڃن ته حڪومت آءِ ايم ايف جي چوڻ تي وڏيڪ ٽيڪس لڳائي رهي آهي، بجلي ۽ گئس مهانگي ڪري رهي آهي، ڊالر جي اگهه تان پنهنجو ڪنٽرول ختم ڪري رهي آهي، مِني بجيٽ اچي رهي آهي جنهن سان مهانگائي جو اهڙو ته طوفان ايندو جو ان کي روڪڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه رهندي. حڪومت آءِ ايم ايف جو پروگرام روڪڻ بدران جاري رکڻ جو اعلان ڪيو آهي. جنهن سان معاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته مهانگائي ۾ 50 سيڪڙو اضافو ٿي ويندو. ڊالر مهانگو ٿيڻ سان جيڪو سڀ کان وڏيڪ بار پوندو اهو تيل جي قيمتن تي پوندو، ٻاهران ايندڙ شيون مهانگيون ٿينديون. تيل مهانگو ٿيندو ته ان سان ملڪ ۾ تيار ٿيندڙ شين جي خاص طور تي ڀاڃين ۽ خوراڪ جي شين جي لاڳت وڌي ويندي اها لاڳت وري عوام مان وصول ڪئي ويندي. ان عوام مان جنهن جي خريداري جي سگهه ٻنهه ختم ٿي چڪي آهي. اسٽيٽ بينڪ جي گورنر مهانگائي ۽ ناڻي جي واڌ روڪڻ لاءِ وياج جي شرح ۾ هڪ سيڪڙو اضافو ڪيو آهي. جڏهن ته بينڪ ئي مهانگائي ۾ اضافي جو خدشو به ظاهر ڪيو آهي. هاڻ صورتحال اتي وڃي پهتي آهي جو ان کان وڏيڪ خراب ٿيڻ ممڪن ئي نه آهي. چاڪاڻ ته هاڻ اسان وٽ به غربت سبب خودڪشيون ڪرڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي. روز ڪيترين ئي خبرون رپورٽ ٿين ٿيون ته ماڻهو پاڻ کي رڳوان ڪري ماري رهيا آهن جو هنن وٽ ٻارن کي کارائڻ لاءِ ماني به نه آهي. ان کان علاوه جيڪي ماڻهو گهرو پريشانين يا ٻين سببن ڪري خودڪشيون ڪندا آهن انهن جو به اصل سبب ته غربت ۽ بيروزگاري ئي آهي. باقي جيڪڏهن سڀ سک هجن ته اهو ڪير آهي جيڪو هن خوبصورت دنيا کي تياڳڻ لاءِ تيار ٿي وڃي!

اسان وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪنداسين ته اها عوام جي اهنجن جو خيال ڪري. حڪمران رڳو وات سان اها ڳالهه نه ڪن ته اسان عوام جو خيار ڪريون پيا پر ان ڳالهه کي ثابت به ڪري ڏيکارين ته جيئن عوام کي ڪو ڏڍ، ڪو آسرو ملي ۽ اهي جيئڻ لائق ٿي سگهن. جيڪڏهن ڪنهن ماءُ وٽ گهر ۾ ٻارن کي کارائڻ لاءِ ان جا چار داڻا يا وري اٽي جي لپ به نه هجي ته حڪومت جون دعوائون هجن يا وري دنيا جون خوبصورتيون ان کي ڪا به ڳالهه ناهي وڻندي. چاڪاڻ ته هن جو پنهنجو ۽ هن جي ٻچن جو پيٽ خالي هوندو آهي. ان ڪري ئي ته شيخ اياز چيو هو ته:

ڏءِ بنا ڏوليا، ڪانهي ساڄاهه سونهن جي!

وفاقي حڪومت پنهنجي پاليسين کي غريبن جي ڀلائي وارو بڻائي هاڻ غريبن ۾ وڏيڪ قرباني ڏيڻ جي سگهه نه رهي آهي. هاڻ اميرن ۽ رعايتون حاصل ڪندڙ طبقي کي قرباني ڏيڻي پوندي. جڏهن ته صوبائي حڪومتون به عوام تي رحم ڪن ۽ ماڻهن کي حڪومتي اگهن تي شين جي فراهمي يقيني بڻائين.

سستائپ جا واڪا، بک مرندڙ غريب، حڪمران

سيد زوار حسين شاهه

امپورٽيڊ حڪومت مهنگائي خلاف احتجاج جو بهانو بڻائي ڪپتان کي ته گهر پيڙو ڪيو . پر جهڙي ريت پاڪستان جا اڪثر سياستدان عوام جي رت پيئڻ ۾ پورا آهن اهو به ڪنهن کان لڪيل ڇپيل ناهي . عوام سياستدانن جي بي حيائي کان به واقف آهي . پر جهڙي ريت لٽ جي بنياد تي عوام مٿان وهائين پيا ان کان به اسان توهان واقف آهيون . برحال ڪڙو سچ اهو آهي ته عوام بک پيا مري رهيا آهن . جڏهن ته حڪمران ڪنهن صورت ۾ به مهنگائي تي صابطو نه پيا ڪن . جڏهن ته سستائپ جا واڪا ڏيئي رهيا آهن . پرهاڻ ته عام ماڻهن کي روزگار به نه ٿو لڀي . جنهن ڪري به وڏي اذيت مان پيا گذرن جڏهن ته حڪمران هاڻ به صرف پاڻ مٿان عائد ڪرپشن جا ڪيس ختم ڪرائڻ لاءِ مصروف آهن . الله اڪبر هي ڪهڙي پاڪستان ۾ رهون پيا هي ڪهڙو پيغام پوري دنيا ڏانهن وڃي رهيو آهي . هي هڪ بزرگ ساني هئن جي تنظيم سان تعلق رکندڙ جهوني سياسي سماجي شخصيت پر سينئر صحافي فقير محمد عباسي جا آهن مير پور خاص ۾ پيش آيل واقعو انتهائي ڏکائيندڙ آهي جنهن ۾ هڪ سنڌ جائو ڪجهه روپيا اٽو سستو هئڻ بعد رش ۾ وڃي ڏهه ڪلو اٽو خريد ڪيو جنهن بعد جڏهن پوليس رش هٽڻ ڪري لٺبازي ڪئي ته هزارين غريب سنڌ جي مارونڙن پچي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ان دوران اٽو خريد ڪندڙ مٿان رش پيهه جا ماڻهون چڙهي ويا . جنهن بعد هو ويچارو شهيد ٿي ويو . مان عرض ڪيان ته جيڪڏهن گهر ۾ راشن نه هئڻ ڪري ڪو ڏانهن ڪري ته ان مٿان لٽ بازي ڪئي وڃي يا ان کي پڪڙي جيل وجهي يا ان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري . اها ڪهڙي جمهوريت آهي . اهڙي جمهوريت خلاف هر هڪ مظلوم جيڪو هنن ظالم حڪمرانن خلاف سراپا احتجاج آهن . برحال تعجب جي ڳالهه اها به آهي ته هن وقت ڪپتان ويچارو گهر ويٺو آهي وافقي حڪومت سميت سنڌ ۾ به پ پ پ جي حڪومت قائم آهي پر اتي جو بهران بک بدحالي جو زميوار صرف عمران خان آهي انهن کي اهو چوڻ ۾ شرم به نه ٿو اچي هو بي حيائي جا پڪا ثبوت پيش ڪري رهيا آهن جڏهن ته پاڪستان هن وقت مشڪل ترين حالتن مان گذري رهيو آهي . جڏهن ته هاڻ سنڌ حڪومت سميت وفاقي حڪومت صرف ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي جڏهن ته عوام کي چڪا ٿبا ملي رهيا آهن اهوئي سبب آهي جو هن وقت سنڌ جا مارونڙا دربدر آهن هڪ بک ستايو آهي پيا حلات خراب آهن . امن امان جي صورت حال به بهتر ناهي ته حڪومت وقت پنهنجي سنڌ جي مارونڙن لاءِ آيل امداد به هڙپ ڪري رهيا آهن . ظلم جي حد هي آهي ته سنڌ جا مارونڙا بک پيا مرن ڏهه ڪلو حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جي پيهه ۾ هو موت کي ياڪر پيا پائين . جڏهن ته حڪمرانن جي مسڪراهٽ نه ٿي کٽي . بس پيسا عوام جا دورا هي حڪمران پيا ڪن . اوزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪرڻ بابت عالمي مالياتي اداري جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته گذريل ڏينهن آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن دوران ڪيس ٻوڏ ڪانپوءِ پاڪستان جي اقتصادي ڏکيائين کان به آگاهه ڪيو. وزيراعظم چيو ته آءِ ايم ايف وفد جلد پاڪستان ايندو. عالمي مالياتي اداري جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته آءِ ايم ايف پروگرام جا شرط پورا ڪرڻ بابت پرعزم آهيون. ٻئي طرف وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله چيو آهي ته ملڪ ۾ مهانگائي ۽ معاشي مشڪلاتون آءِ ايم ايف جي ڪري آهن. جنهن بجلي، گئس ۽ پيٽرول جي قيمت وڌائڻ ۽ سبسڊيز واپس وٺڻ جا شرط لڳائي رهيا آهن. فيصل آباد ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي رانا ثناءالله چيو ته ملڪ معاشي بحران جو شڪار آهي. جنهن ۾ سڀ کان وڏيڪ عمل دخل آءِ ايم ايف جو آهي. آءِ ايم ايف بجلي، گئس ۽ پيٽرول جون قيمتون وڌائڻ ۽ عوام کي حڪومت طرفان ملندڙ سبسڊيز واپس وٺڻ جا مطالبا ڪري رکيا آهن. ان ڪري عالمي مالياتي اداري جي شرطن جي ڪري ئي ملڪ ۾ مهانگائي ۽ مشڪلات کي منهن ڏئي رهيا آهيون پر اسان اهڙا فيصلا ڪري رهيا آهيون جو ماڻهن تي گهٽ ۾ گهٽ بار پوي. هن چيو ته حڪومت ڪوشش ڪري رهي آهي ته ملڪ ڏيوالپڻي جو شڪار نه ٿئي. جڏهن ته هڪ فتنو ۽ بي شرم انسان ڪوشش ۾ آهي ته ملڪ ڏفالٽ جو شڪار ٿئي. عمران خان هڪ منصوبي تحت ٻن مهينن کان پروپيگنڊا ڪري رهيو آهي ته ملڪ وڏيڪ معاشي مشڪلاتن جو شڪار ٿئي. اها پروپيگنڊا عالمي ۽ ملڪي سطح تي معيشت کي نقصان پهچائي رهي آهي. ملڪ جي بدقسمتي آهي ته هڪ اهڙي انسان کي ملڪ تي مڙهيو ويو، جيڪو پنهنجي ذات کانسواءِ ٻيو ڪجهه نٿو ڏسي. گهرو وزير وڏيڪ چيو ته عمران خان چريو ٿي ويو آهي ۽ چوي ٿو ته فيصل آباد ۾ رانا ثناءالله بي شمار ماڻهو قتل ڪرايا. عمران خان ساڍا ٽي سال وزيراعظم رهيو ته منهنجي خلاف هيروئن جو ڪوڙو ڪيس بنائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هن وقت سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ملڪ جو ڇا ٿيندو . جڏهن ته عوام بد ذهن ٿي چڪو آهي عام ماڻهون خدڪشيون پيا ڪن جڏهن ته ملڪ جو وزيراعظم سميت پي ڊي ايم جا رهنما ڪپتان مٿان الزام تراشي ڪري رهيا آهن جڏهن اهو به چون پيا ته هي مهنگائي گيس بجلي سميت ٻيا جيڪي به مسئلا آهن ان ۾ آءِ ايم ايف جو قصور آهي ابو حد ٿي وئي آهي . ڪپتان جي خوف جي ڪري انهن جو ذهن به ڪم نه پيو ڪري . مان گذارش ڪيان ته جيڪڏهن سنڌ جا اهي جيڪي انسان پرست آهن اهي عام ماڻهن جي مدد نه ڪن ته قيامت صغرا ٿي وڃي هر گهٽي ڳلي ڳوٺ شهر مان سوين لاش ڪرندي ڏسئون پر پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت جڻ اهڙن حالاتن کان ناواقف آهي . هي ملڪ ڊيفالٽ ٿيڻ پيو وڃي . جڏهن ته زبردستي آيل حڪمران جن پنهنجا ڪيس ختم ڪرائي اربين روپيا معاف ڪرايا . جلد اهي سڀ وري ملڪ ڇڏي ڀڄي ويندا . مان گذارش ڪيان ته پاڪستان جو آئين جڻ ڪم ئي نه پيو ڪري . گهٽ ۾ گهٽ سياستدان ته ان تي عمل نه پيا ڪن جيڪو به هن پاڪستان سان وڏو ظلم آهي . . هن وقت جهڙ طرح عوام سان ڏيادتيون ٿي رهيون آهن اسان توهان واقف آهيون . خاص سنڌ ۾ ته تڏ بک جي ڪري عام ماڻهون مري رهيا آهن . ڪيترائي ماڻهون ڦاهو ٽنگي پنهنجو انت آڻين پيا جڏهن ته اساني حقن جي تنظيمن جي اڳواڻن جنهن ۾ فقير محمد عباسي ، سيد غلام هسين شاهه ، امتياز ڪبر ايڊوڪيٽ امتياز حسين ، ايڊوڪيٽ سجاد حسين سولنگي ،ا يڊوڪيٽ رضوان اونو ، ايڊوڪيٽ وقار جٽ ، ايڊوڪيٽ رضوان جوڻيجو ، ايڊوڪيٽ سراج سولنگي ايڊو ڪيٽ اشتياق سيلنگي ۽ ٻيا سنڌ جي بقا جو ڪيس وڙهي رهيا آهن جڏهن ته سچ ڳالهائيندڙن مٿان ڪورا ڪيس داخل ڪرڻ پوتارن جي معرفت انهن کي داٻا ڏيڻ جا به واقعا ٿي رهيا آهن جن جو دفا ع هي سنڌ پرست وڪيل ڪري رهيا آهن . مان سمجهان ٿو ته هن وقت شعور جنم ورتو آهي . اهو ئي سبب آهي جو ڪرير سهتو نارو . عبدالله سومرو . آصف علي ڦلپوٽو به سنڌ جو ڪيس وڙهڻ پيا جڏهن ته جتي مرد هن ڪڏي معاشري ۾ ظالم جي خلاف جنگ پيا وڙهڻ اتي سنڌ جون جايون جنهن شهاب فائونڊيشن جي چيئرپرسن ميڊم صنم راڄپر . ضلع خيرپور جي ادي شهناز شيخ . سڪرجي ادي شائسته بلوچ . پروفيسر ادي صنم پنهور، تعلقه سوڀوديرو سان تعلق رکندڙ شخصيت ادي شبانا ناز شيخ . ٻيون پنهنجي پاڻ سان ڳڏجي آواز ۾ آواز ملائي يزيدي ڪردار ادا ڪندڙ خواه ڪير به هجي ڪهڙي به پارٽي سان تعلق رکندڙ هجن . انهن سان بهترين ساٿ نڀائين پيون جنهن تي اسان فخر ڪيون ٿا جڏهن ته سنڌ جي ناليواري قلم ڪار ڪالم نگار غلام جعفر راڄپر جي چوڻ موجب ته مولا امام حسين عليه سلام جن جو فرمان آهي ته ظالم سان جنگ جوڻيو جيڪڏهن جنگ نه ٿا ڪري سگهو ته ان خلاف آواز بلند ڪيو ان تي عمل ڪيون پيا .. جڏهن ته قلم ، علم هٿ ۾ ڪٽي انهن جن ملڪ کي لٽيو جن عوام جورت پيتو . جن مظلوم جا حق کاڌا آهن انهن خلاف اڄ به سچ لکي سچ ڳالهايون ٿا . پر مان عرض ڪندس ته جمهوريت جمهوريت جا راڳ ڳائي ٿڪجي پيا آهيون هاڻ سياستدانن جي نه هلندي ان ڪري جو هي جديد سوشل ميڊيا جو وقت آهي . جتي هاڻ ڪرپٽ بي ضمير صحافي جيڪو چند ڏوڪڙ وٺي ذاتي مفاد خاطر سنڌ ڌرتي تي رهندڙن جو سودو ڪري ٿو ۽ اهو صحافي ظالم سان ڳڏجي نعرا هڻي ٿو اهي پردي پويان لڪيل ڪردار واڪا ٿي چڪا آهن . جڏهن ته رب پاڪ جا جيڪي بنده آهن اهي پرءِ سجاده نشين بودلا بهار سرڪار اختر حسين نقوي . هجي . تنظير آرائيان پاڪستان جو سرپرست چيئرمين حاجي عبدالمجيد آرائين . تنظيم آرائيان پاڪستان جو جوائنٽ سيڪريٽري نديم عباس آرائين هجي . يا انساني حقن جي تنظيم جو اڳواڻ فقير محمد عباسي هجي . يا فقير هوت چانڊو هجي يا جڳ مشهور شخصيت ميان فدا حسين پيرزاده هجن يا ايڊوڪيٽ وقار جٽ هجن انهن کي سنڌ جي مارونڙن جي هر ممڪن مالي مدد سان گڏ سردي تڏ کان بچڻ لاءِ گرم ڪپڙا . سوڙون ڪنبل ڏيئي بک کان بچڻ لاءِ کاڌ خوارڪ سميت دوائون ڏيئي جانيون بچائين پيا سلام پيش ڪيون پيا . پر هر هڪ پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو آهي باغي استاد شاعر لالڻ چند جي شاعري به پنهنجو فرض ادا پئي ڪري جڏهن ته ناز سولنگي جي قلم سچ لکي فرض ادا پيو ڪري . پر جيڪڏهن هن تمام تڪليفن بابت ڳالهه ڪيان ته صرف حڪومت وقت سنڌ جا حڪمران چوندڀل نمائينده من پسند ماڻهن جي مدد ڪن پيا جڏهن ته غريب اڄ به انهن کي پٽ پاراتا ڏيئي دلي سڪون هاصل ڪري رهيا آهن. جڏهن ته حڪمرانن جي عدم دلچسپي ڪري عام ماڻهون مهنگائي ڪري ڏڪا ٿاٻا کائي موت کي ياڪر پيا پائين جڏهن ته حڪمرانن جي مسڪراهٽ قيامت جي نشاني ظاهر پئي ڪري . ته جلد رب پاڪ ظالمن کان حساب ڪتاب وٺندو . جڏهن ته حڪمران مسئلاته حل نه ڪري سگهيا . پر سڀ الزام آءِ ايم ايف سميت ڪپتان عمران خان مٿان مڙهي رهيا آهن جنهن تي اچو ته سڀ هڪ ٺهڪ ڏيون اها حڪمران انهن جي سهولتڪارن لاءِ هڪ ڳٽي تي نااهلي جي چماٽ آهي . جنهن تي به هو شرمندا نه ٿيندا ان ڪري جو هو بي حياءَ چور لٽيرا آهن اهڙا مبينا الزام لڳي رهيا آهن سچ يا ڪوڙ . پر رب پاڪ خير ڪري . برحال حڪمران ڪپتان کي لاهي هڪ وڏي غلطي ڪئي آهي . جيڪا به تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهين .

****

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڌِ نہ لهين سُورَ جي؛
سانڍِ پنهنجا ڏِبَڙا، ڪَڏَ ڪٽي ۾ پُون؛
ڪانَ گُهرجي مُون، حياتِ هوتَنِ ري.

نگران حڪومت، پارٽيون ۽ عوام

ممتاز منگي

پنجاب ۽ ڪي پي جي صوبائي اسيمبلين کي ٽوڙڻ کان پوءِ پنجاب جي نگران وزيراعليٰ تي اختلاف پوري شدت سان اپاريندي، عمران خان 24 جنوري کان احتجاج جو سڏ ڏنو آهي. يقينن پي ٽي آءِ خاص ڪري پنجاب جي اندر پنهنجي احتجاج جو ڀرپور مظاهرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چو ته ٽن مهينن جي اندر ٿيندڙ صوبائي اليڪشن ۾ جيڪي اميدوار پي ٽي آءِ جي طرفان پنجاب ۾ حصو وٺندا چو ته انهن جي اليڪشن وڙهڻ ۾ نگران حڪومت جو جيڪو شيڊ پوندو ۽ جنهن باري ۾ هو سوچين پيا ته جي حڪومتي مشينري هنن جي خلاف ٿي بيلي ته پوءِ پي ٽي آءِ پنهنجي امڪاني ڪاميابي جي اميد مايوسي ۾ بدلجي ويندي اهوئي سبب آهي، جو هن ملڪ ۾ آئيني ترميم ڪري اليڪشن کان پهريان نگران حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي گڏيل مشاورت سان رستو ڪڍيو ويو جڏهن ٻئي ڌريون ڪنهن نتيجي تي نٿي پهچي سگهن ته پوءِ ٻنهي ڌرين جا تجويز ڪيل نالا اليڪشن ڪميشن ڏانهن موڪلڻ جو طريقو طئي ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن جو فيصلو آخري هوندو جنهن کي چيلنج نٿو ڪري سگهجي، عمران خان حڪومت مان هٽڻ کان پوءِ مسلسل پنهنجي خلاف سازش جون رڳو ڪهاڻيون ٿي گهڙيون ناهن پر انهن ڪهاڻين ۾ وقتن به وقتن هو ڪمال جي ڦيرگهير ڪندي پر الزامن ۽ حملن جو سلسلو مسلسل قائم رکندو اچي پيو. ڪي پي جي نگران وزيراعليٰ تي ٻئي ڌريون يعني حڪومت ۽ مخالف ڌر متفق ٿيون چو ته اعظم خان هڪ ساک رکندڙ اهڙو ريٽائرڊ بيوروڪريٽ آهي. جنهن تي ٻنهي ۾ اختلاف نه ٿيو جڏهن ته اهو نالو مخالف ڌر جي اڳواڻ اڪرم دراني ڏنو هو. عمران خان ڪي پي جي نگران وزير اعليٰ جو بار بار مثال ڏئي ٿو پر پنجاب جيڪو ملڪ ۾ وڏي کان وڏو صوبو آهي ۽ اهوئي پنجاب مستقبل جي وفاقي حڪومت جي ضمانت جو بنياد آهي، تنهن ڪري انهيءَ ۾ نگران سيٽ اپ آڻڻ جي لاءِ عمران خان جي اها يقينن ڪوشش رهندي ته هو پنهنجي فيور جو وزير اعليٰ آڻي ۽ نگران سيٽ اپ ڪرائي. هي ڪيتري نه بدقسمتي آهي جو اليڪشن کان پهريان ڌر ٻندين ۽ ڌانڌلين جا الزام جڏهن لڳايا وڃن ته پوءِ اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته ٿيندڙ اليڪشن متنازع نه ٿيندي. وفاقي حڪومت ۽ موجوده نگران وزير اعليٰ جي هوندي جيڪڏهن اليڪشن جو نتيجو پي ٽي آءِ جي حق ۾ وڃي ٿو ته اهو عمران خان جي طاقت ۾ ڏهوڻ جو اضافو ٿيندو. پر جي صوبائي اليڪشن ۾ پي ٽي آءِ سادي اڪثريت حاصل نٿي ڪري سگهي ته حڪومت ٺهڻ جو ٻيو ٻيو تائين ڪو امڪان نه هوندو. پلي ن ليگ يا اتحادي حڪومت جون شامل جماعتون سادي اڪثريت نه حاصل ڪري سگهن. پر پنجاب حڪومت ناهڻ ۾ هو وفاقي حڪومت جي ڪري وڏيڪ طاقتور هونديون. چو ته اليڪٽيبل پرسن پي ٽي آءِ کان وڏيڪ مخالف ڌر جي طرف مائل ٿيندا ۽ انهيءَ کان علاوه ممڪن آهي ته پي ٽي آءِ جا ناراض فرد جن ۾ ترين گروپ پي پي ٽي آءِ جوڙي اڳتي وڌائي ۽ هي به امڪان رد نٿو ڪري سگهجي ته عمران خان سان شامل بي دليا ڪجهه وقت کان پوءِ پيا برندڙ سگنل ڏسي پنهنجو رخ مٽائن. اهڙي صورتحال ۾ يقينن عمران خان کي هڪ اهڙو بيانيو ناهڻ لازمي آهي ته هو پنهنجي خلاف هڪ وڏو محاذ ۽ سازشن جي جارجي تمام گهٽي سياسي پروپيگنڊا ڪري. هي به عمران خان جو ڪمال آهي ته هو اليڪشن کٽڻ کان پوءِ به اليڪشن ڪميشن ۽ مخالفن تي ڀرپور ۽ مسلسل تنقيد ڪندي پنهنجي مخالفت ۽ تنقيد جو محاذ سرگرم رکيو آهي. توڙي جو عمران خان گذريل مدِ ترم اليڪشن جي اندر بار بار اهو چيو آهي ته منهنجي خلاف ڪير ڪيتري به سازش ڪري. هو ڪامياب نٿو وڃي سگهي چو ته عوام جي طاقت ان سان گڏ آهي. انهيءَ کان پهرين هو مسلسل اسٽيبلشمينٽ کي پنهنجي پاسي ڪرڻ جي هر چال رڳو لڪ چپ ۾ نه هلي آهي پر کلي عام هو اهوئي چوندو رهيو آهي ته اسٽيبلشمينٽ جي مرضي کان سواءِ پاڪستان ۾ ڪجهه به نٿو ٿي سگهي. "هائي هي نقطه نظر به عجيب آهي ته هڪ طرف هو پاڻ سان عوام جي طاقت هجڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ ٻئي طرف وري اسٽيبلشمينٽ جي نيوٽرل ڪردار تي سخت تنقيد ٿو ڪري، جنهن جو مقصد صاف ظاهر هي آهي ته هي پنهنجي حڪمتِ عملين سان اسٽيبلشمينٽ کي پنهنجي طرف مائل ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش پيو ڪري ۽ هن کي هي به يقين ٿي چڪو آهي ته " انهن جي مرضي "کان سواءِ سنڌس سياسي ٻيڙو نٿو هلي سگهي. هن بحث جو مقصد ٿيندڙ صورتحال جو ورجاءُ ڪرڻ ناهي، پر هي ڏسڻو آهي ته هن ملڪ جي سياست ۾ سڀ جون سڀ سياسي جماعتون پنهنجي تنظيمي سگهه ۾ ڪيترو يقين رکن ٿيون يا پارٽي جي تنظيمي سگهه کي وڌائڻ جي لاءِ ڪيتريون سنجيدا آهن ۽ انهيءَ کان وڏيڪ هو جيڪو "عوام" جون دعوائون ڪن ٿيون ته عوام جي طاقت کي سياسي جدوجهد ۾ آڻڻ جي حق ۾ به آهن يا نه؟ جيڪڏهن سياسي پارٽيون پنهنجي تنظيمي سگهه کي مضبوط کان مضبوط ڪن ته انهن جي تنظيمي طاقت جي اڳيان ڪنهن جي به سازش نٿي هلي سگهي ۽ ڪا به طاقت پارٽين جي تنظيمي سگهه کي شڪست نٿي ڏئي سگهي. اهوئي سبب آهي جو مشهور آمريڪا ۽ ويٽنام جي جنگ جي خاتمي کان پوءِ جنهن ۾ آمريڪا کي بد کان بدتر شڪست ملي هئي ته صدر جانسن کان هي سوال ڪيو ويو هو: "جناب صدر توهان وٽ تمام جديد هٿيار ۽ دنيا جي مضبوط کان مضبوط فوج آهي ڪهڙو هٿيار اوهان وٽ ناهي نه فوج ۾ ڪمي نه هٿيارن ۾ ۽ نه وري دولت ۾ پوءِ توهان ويٽنام ۾ شڪست ڇو کاڌي؟" جانسن جواب ڏيندي چيو ته: "يقينن اسان وٽ بهترين فوج ۽ جديد کان جديد هٿيار آهن اسان جنگ ۾ انهن سڀني جو استعمال ڪيو ويٽنام جي مزاحمتي تحريڪ وٽ نه هٿيار هئا نه تربيت يافته فوج ۽ نه وري دولت پر هڪ طاقت ويٽنام جي تحريڪ ۾ اهڙي هئي جنهن کي اسان شڪست نه ڏئي سگهياسين

بقايا *** 01

پارڪ کي پيش خطرن جو جائزو وٺي سيڪيورٽي ۾ ڦيرڦار ڪئي ويندي.

بقايا *** 02

تي ردعمل ڏيندي عمران خان جو چوڻ هو ته فواد چوڌري تحريڪ انصاف جو متحرڪ ڪارڪن آهي، ڪيس انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻايو ويو آهي. عمران خان پنهنجي امڪاني گرفتاري بابت پارٽي جي سينيئر اڳواڻن سان صلاح مشورو مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پارٽي جي مرڪزي قيادت کي هدايتون پڻ جاري ڪري ڇڏيون آهن. ٻئي پاسي زمان پارڪ لاهور ۾ قائم سنڌس رهائشگاهه ٻاهران پي ٽي آءِ چيئرمين جي امڪاني گرفتاري جي خدشي کي نظر ۾ رکندي ڪارڪنن مختلف شفٽس ۾ احتجاج ڪندا، پهرين مرحلي ۾ لاهور جي مختلف علائقن جا ڪارڪن زمان پارڪ ٻاهران ڊيوٽي جا فرض انجام ڏيندا.

بقايا *** 03

تي اڃا پاڪستان ردعمل جو اظهار ناهي ڪيو

بقايا *** 04

ٽي آءِ اڳواڻ پنجاب پوليس وٽ نه آهي. جنهن تي جسٽس طارق سليم شيخ چيو ته آءِ جي پنجاب کي سڏايو جنهن تي سرڪاري وڪيل جواب ڏنو ته آءِ جي پنجاب به صوبي ۾ نه آهي. جنهن بعد عدالت پنجاب ۽ اسلام آباد جي آءِ جيز کي شام ڇهين وڳي طلب ڪندي سرڪاري وڪيل چيو ته پهريان فواد چوڌري کي پيش ڪيو بعد ۾ اوهان کي ٻڌندس. ان کان اڳ جڊيشل مجسٽريٽ پي ٽي آءِ جي سينيئر اڳواڻ فواد چوڌري جو راهداري رمانڊ منظور ڪندي ڪيس اسلام آباد جي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو اسلام آباد پوليس فواد چوڌري کي لاهور جي مقامي عدالت ۾ جڊيشل مجسٽريٽ آڏو پيش ڪيو ۽ ڪيس اسلام آباد منتقل ڪرڻ لاءِ راهداري رمانڊ جي درخواست ڪئي. عدالت رمانڊ منظور ڪندي ڪيس اسلام آباد جي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ٻئي پاسي عدالت ۾ پيشي دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته منهنجي پويان پوليس ايئن لڳائي وئي، ڄڻ ڪر مان جيمز بانڊ هجان. جهڙي طرح گرفتار ڪيو ويو اهو مناسب نه هو. مونکي فون ڪري گهرائي وٺن ها، پاڻ ئي پهچي وڃان ها. فواد چوڌري چيو ته مون اليڪشن ڪميشن بابت جيڪو ڪجهه به ڳالهايو پورو پاڪستان اها ئي ڳالهه ڪري رهيو آهي، مون مٿان جيڪو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، ان تي فخر آهي، نيلسن منڊيلا تي به اهڙوئي ڪيس داخل ڪيو ويو هو

بقايا *** 05

جي مخالفت ڪئي وئي، عدالت ۾ پيشي جي مرقعي تي فواد چوڌري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي پيشي تي ايڏي پوليس گهرائي وئي آهي ڄڻ مان ڪو جيمز بانڊ آهيان، جهڙي طرح گرفتار ڪيو ويو اهو مناسب نه هو. هو فون ڪن ها مان پاڻ ئي هليو اچان ها. فواد چوڌري چيو ته مان چوان ٿو ته پاڻ ئي ڪروڙ عوام تي ڪيس ناهين مون کي گرفتار ڪرڻ وارن کي شرمندگي ٿيندي. پوليس ٻڌائي مون کي ڪهڙي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي هن وڏيڪ چيو ته جيڪو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ان تي فخر آهي. نيلسن منڊيلا تي اهڙوئي ڪيس هو. چيو پيو وڃي ته مان بغاوت ڪئي آهي. مان اڳوڻو وفاقي وزير ۽ سپريم ڪورٽ جو وڪيل آهيان. مون سان عزت ۽ احترام وارو ورتاءُ رکيو وڃي.

بقايا *** 06

کان 10 پوليس وارا دروازو ڪولي اسان جي گهر ۾ داخل ٿيا ۽ ٻنا ڪنهن ايف آءِ آر ڏيکارڻ جي فواد کي پڪڙي ڪئي ويا. هن چيو ته منهنجي درخواست آهي ته امپورٽيڊ حڪومت جيڪو ڪجهه ڪري رهي يا جنهن به فواد چوڌري کي ڪنيو آهي ان بابت اسان کي ٻڌايو وڃي ته فواد کي ڪهڙي رولز تحت کنيو ويو اسان سان ڪنهن به رابطو ناهي ڪيو صرف پوليس وارا گهر ۾ داخل ٿيا ۽ ڪيس ڪٿي هليا ويا جڏهن ته هو ويندي فواد جو فون به پاڻ سان گڏ کڻي ويا. اسان کي ته اها به خبر ناهي ته ڪيس ڪٿي کڻي ويا آهن. اسان فواد کي ڪٿي وٺڻ ڪان پوءِ لاڳاپيل ٿاڻن سان رابطو ڪيو پر اتان به اسان کي ڪو جواب نه مليو حبا فواد چيو ته اهو ته سڌو سنئون اغوا آهي. اسان ته هاڻ پنهنجي گهرن ۾ به محفوظ نه آهيون. هاڻ ته ماڻهو اسان کي گهرن ۾ داخل ٿي ڪئي ويندا. هي ڪهڙي قسم جو ملڪ آهي ۽ هتي ڪهڙي طرح جو قانون آهي حبا فواد وڏيڪ چيو ته منهنجي چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ وزيراعظم کان به ساڳئي درخواست آهي ته ٻڌايو وڃي ته فواد چوڌري کي ڪٿي کڻي ويا آهن يا پوءِ فواد جي اغوا جي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي.

بقايا *** 07

. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊي جي سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن سيد نعمان احسن پاران اين اي ڊي يونيورسٽي گرائونڊ ۾ ڪرڪيٽ ميچ جي اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي اين اي ڊي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر سروش لوڌي، چيئرمين هائير ايجوڪيشن ڪميشن طارق رفيع ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته مهذب معاشرن عدم برداشت جي جبلت کي ڇڏي ڏنو آهي چو ته اهي اهڙن روين کي پسند نه ٿا ڪن ۽ اهي منطق ۽ ڳالهه ٻولهه ذريعي هڪٻئي کي قائل ڪندا آهن پر بدقسمتيءَ سان اسان جي نوجوانن ڪتاب پڙهڻ، راندين ۽ صحتمند سرگرمين سميت تقريري مقابلن ۽ اسٽڊي سرڪلز جي عادت ڇڏي ڏني آهي ۽ وڏيڪ چيو ته هو اعليٰ تعليم پاران منعقد ڪرايل ڪرڪيٽ ميچ ۾ نوجوانن کي راندين جي سرگرمين ۾ حصو وٺندي ڏسي خوش ٿيو آهي، وڏي وزير ملڪ جي نوجوانن تي زور ڀريو ته هو سوشل ميڊيا کي تعليم، صلاحيت وڌائڻ، روزگار ۽ دنيا جي ٻين ملڪن سان رابطي لاءِ تول طور استعمال ڪن هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته اسان جا نوجوان سوشل ميڊيا مان فائدو نه وٺي رهيا آهن. مراد علي شاهه سمورن تعليمي ادارن تي زور ڀريو ته هو شاگردن جي تربيت لاءِ راندين ۽ پريڊ ڪرڪز کي مقرر ڪن ۽ اهي سرگرميون تعليمي سرگرمين سان گڏ ڪرايون وڃن. هن چيو ته اُئون والدين کي به گذارش ڪندس ته هو پنهنجي ٻارن کي راندين، تقريرن ۽ ٻين اهڙين سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لاءِ همت افزائي ڪندا رهن. وڏي وزير چيو ته اسان جي مذهب اسان کي برداشت، گڏيل احترام ۽ سڀني مذهبن ۾ هم آهنگي جو درس ڏنو آهي هن چيو ته سماج ۾ پکڙيل انتهاپسندي اسان کي پوري دنيا کان ۽ پاڻ کان به الگ ڪري ڇڏيندي. ان موقعي تي ڳالهائيندي چيئرمين هائير ايجوڪيشن پروفيسر طارق رفيع تقريب جي صدارت ڪرڻ تي وڏي وزير جا ٿورا مڃيا. هن وڏيڪ چيو ته هو سمورين يونيورسٽين ۾ راندين کي هٿي وٺرائيندا.

بقايا *** 08

خلاف ڪارڪنن جي ٽي روڊ تي احتجاج ڪيو جنهن ۾ فواد چوڌري جي ڀاءُ فراز چوڌري ۽ اڳوڻي ايم پي اي چوڌري ظفر به موجودا هئا. پوليس فواد چوڌري جي ڀاءُ فراز چوڌري کي گرفتار ڪري ورتو جنهن جي تصديق پي ٽي آءِ اڳواڻ شيرين مزاري ڪئي آهي.

بقايا *** 09

جي دور ۾ سياسي گرفتاريون ڪيون ويون. سنڌس دور ۾ وزير گرفتارين کان اڳ گرفتارين بابت پريس ڪانفرنس ڪندا هئا. مريم اورنگزيب چيو ته فواد چوڌري خلاف اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي. 9 مهينن کان اسان حڪومت ۾ آهيون ۽ تحريڪ انصاف جا وزير به گهٽو ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن. عمران خان جي دور ۾ ٻيءِ جي سامهون ڏيءِ کي گرفتار ڪيو ويو. اهو سياسي انتقام هو. شهباز شريف کي گرفتار ڪيو ويو. سنڌس ڏيءِ جي گهر مٿان حملو ڪيو ويو. وفاقي وزير چيو ته عوام کي هاڻ فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڪنهن کان لاتن چڪي آهي. پاڪ فوج خلاف تحريڪ انصاف جي ٽوئٽر اڪائونٽس تان مهم هلائي وئي. هي هاڻ آئيني ادارن کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته اسان جي اڳواڻ خلاف فيصلو آيو ته اوهان جو جيئڻ مشڪل ڪري ڇڏينداسين. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کي ادارن کي ڌمڪي ڏيڻ جي اجازت ڏني وئي ته پوءِ اهو حق عوام کي به ملڻ گهرجي. هن چيو ته تحريڪ انصاف جي دور ۾ صحافين کي به کنيو ويندو هو. ڪين پيٽ ۾ گوليون هنيون وينديون هيون. هي صحافين کي ڌمڪيون ڏيندا هئا، گاريون ڏيندا هئا. هنن صحافين کي جيلن ۾ وجهرايو. نهال هاشمي جي سزا تي عمران خان خوشي وچان ٽوئٽ ڪيو هو نهال هاشمي جي بيان جي اسان جي پارٽي طرفان مذمت ڪئي وئي. وفاقي وزير چيو ته فريال ٽالپر کي عيد واري ڏينهن اسپتال مان گهلي جيل ۾ ڏڪو ويو رانا ثناءالله تي 20 ڪلو هيروئن جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو اڄان ٿائين ته اهو بيگ مليو آهي نه ئي وري هيروئن. اسان جا سمورا ماڻهو پنهنجا ڪيس اڄان ٿائين عدالتن ۾ وڙهي رهيا آهن.

بقايا *** 10

احتساب عدالت جي اختيار ۾ نه هجڻ تي ريفرنس واپس نيب ڏانهن اماڻي ڇڏيو ياد رهي ته ان کان اڳ به اڳوڻي صدر آصف علي زرداري خلاف 2 ريفرنس نيب ڏانهن واپس اماڻيا ويا هئا جن ۾ توشه خانه ۽ اٺ ارب روپين جي ٽرانزيڪشن جا ڪيس شامل آهن جيڪي نيب ڏانهن واپس ٿي چڪا آهن.

بقايا *** 11

منشيات هٿ ڪري ورتي ايس ايس پي ايسٽ عبدالرحيم شيرازي موجب ناهيد جي گرفتاري بي ڊي ايڇ سوسائٽي بلاڪ 6 ۾ چنيسر هالٽ ريلوي ڦاٽڪ وٽان عمل ۾ آئي. هوءَ مختلف علائقن ۾ منشيات سپلاءِ ڪرڻ ۾ ملوث رهي آهي. ايس ايڇ او ٽيپو سلطان عظميٰ خان ٻڌايو ته گرفتاري وقت جوابدار عورت منشيات سپلاءِ ڪرڻ وڃي رهي هئي. سنڌس قبضي مان ساڍا 3 ڪلوگرام چرس هٿ آيو هن ٻڌايو ته گرفتار جوابدار جاچ دوران انڪشاف ڪيو آهي ته ڪيترين ۽ منشيات سپلاءِ جي ڌنڌي ۾ جهڙو به ڪيترين ئي عورتون ملوث آهن. جيڪي برقعو پائي اهو ڪم ڪنديون آهن. جڏهن ته دلشاد عرف مامي نالي عورت ان گروهه جي سربراهه آهي. پوليس موجب برآمد ٿيندڙ چرس دلشاد عرف مامي جي اڏي لاءِ سپلاءِ ٿي رهيو هو. جوابدار عورت خلاف ڪيس داخل ڪري ڪيس جاچ شعبي حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 12

۽ ليڪ گل حسن ڪلمتي بيماري سبب اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي.

بقايا *** 13

جي اليڪشن ۾ عوام پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪيو هاڻي اهو ڪاميابي جو تسلسل حيدرآباد ڊويزن ۽ ڪراچي ڊويزن ۾ پڻ جاري رهيو. اهڙن خيالن جو اظهار اڄ سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته حيدرآباد ڊويزن ۾ پهرين دفعو واضح برتري ۽ ڪراچي ڊويزن ۾ به پيپلز پارٽي کي اڪثريت حاصل ٿي آهي. ڪراچي جي عوام چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ عوام ڌرڻن جي سياست ختم ڪندي مثبت قدمن کي ڏٺو بلاول ڀٽو زرداري جڏهن کان پارليماني سياست جي شروعات ڪئي تڏهن کان ئي مسئلن جي نشاندهي ۽ ان جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته جيڪي ماڻهو منفي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن. انهن کي ايترو چوندس ته ماڻهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي طرف اميد ڏني آهي. بلديه ٽائون ۽ ملير ۾ جڏهن اليڪشن ٿيا ته عوام پيپلز پارٽي جي حق ۾ فيصلو ڪيو ماڻهن تعميري سياست ۽ ترقي کي ووٽ ڏنو ڪراچي ۾ پهريون دفعو ٽرانسپورٽ جو مسئلو سنجيدگي سان حل ڪيو پيو وڃي ۽ هي فرضي ناهي بلڪي عملي طور تي نظر اچي رهيو آهي. پاڪستان جي پهرين اليڪٽرڪ بس جي شروعات هن شهر مان ڪئي وئي. 1122 جي سروس جي شروعات ڪي ڏنو ماڻهن ۽ پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏنو ماڻهن اين آئي سي وي ڊي کي ڪم ڪندو ڏٺو ۽ ان کي سرهايو اين آئي سي وي ڊي ۾ پوڻا ٽي لک مريضن جو مفت علاج ٿيو ريڊ لائين ماس ٽرانزٽ ٽرانسپورٽ جي ڪم جي شروعات ڪئي وئي آهي. هن وڏيڪ چيو ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ جيڪڏهن هن وقت ڪوئي ڪم ڪري رهيو آهي ته اهو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي جماعت ڪرائي رهي آهي ڪيماڙي ضلعي ۾ اربين روپين جي ترقياتي ڪم ڪرايا. ڊسٽرڪٽ ويسٽ ۽ ڪيماڙي ضلعي ۾ اسان گڏيل طور تي ڏسون ٿا جتان ڪان مزدور ٻه ڪم ڪندو آهي اتي 31 ٽنديا وڏا روڊ ناهيا، ضلعي ويسٽ ۾ قائم يوسف گوٺ ۾ شديد برسات ۾ به هاڻي اهڙي تباهي ناهي ٿي. ڪورنگي ۾ 8 هزار، 12 هزار روڊ ناهيا، گلستان جوهر ۾ سنڌ حڪومت آنرز اسڪول قائم ڪيو اهو ڪم ماڻهن ڏٺو ملير ابراهيم حيدري ۾ نشترمين چورنگي کان وٺي ڪري روڊن جي تعمير جو ڪم جاري آهي. ماهيگيرن وٽ سهولتون به هيون اتي گرائونڊ ناهيا. هن چيو ته تهڃي شهر سيني جو آهي، ملير ايڪسپريس وي جو منصوبو شهر لاءِ گيم چينجر ثابت ٿيندي اهو منصوبو 29 ارب جي لاڳت سان ناهيو پيو وڃي. سال 2023 جي پهرين ڏينهن تي سنڌ جي وڏي وزير سائيٽ جو دورو ڪيو جوهر چورنگي فلائي اوور کي اپريل جي وچ ۾ عوام لاءِ کوليو ويندو. هن چيو ته پيپلز پارٽي کي انهن سمورن ڪمن جي ڪري ووٽ مليا آهن. چاڪاڻ ته عوام کي فرق ۽ ورهائڻ جي سياست نٿي کپي. جيڪي نتيجا آيا آهن ان تي مان ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام جي شڪر گذار آهيان. ماڻهن اسان جي ڪم کي ساراهيو اسان جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن وفاقي، صوبائي ۽ مڪاني حڪومتون هڪ پيج تي هجن ته حالتون بهتر ٿينديون. هائيپنهيڪائونسلن جي قيادت جيالا ڪندا ته جيئن ترقي جو تسلسل جاري رهي. جڏهن ته بلاول پتوچڱي چڪا آهن ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جو ميئر جيالو هوندو.هاڻي نتيجا به سامهون اچي ويا آهن. جنهن ۾ پيپلز پارٽي کي واضح برتري حاصل ٿي آهي. جڏهن ته ڪراچي شهر جا 6 نتيجا اڃا باقي آهن هن چيو ته تهيپلز پارٽي جو هن وقت واحد وڏي پارٽي آهي. هن شهر ۾ اسان هميشه تنقيد ڪندي آيا آهيون. اسان کي هڙتالن، بدمعاشي، پتو نٿو کپي. هن بدلجندڙ ڪراچي ماڻهن کي سٺو ٿو لڳي جنهن طرح اسان دهشتگردي جي خاتمي جو چيو هو. اسان ضابطو آندو. اسٽريٽ ڪرائم تي به جلد ڪنٽرول ڪيو ويندو. سوالن جا جواب ڏيندي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته آئيني فيصلا آئيني ادارن کي ڪرڻا آهن. اسان مڪاني ادارن جون چونڊون منسوخ ڪيون پر اليڪشنڪميشن قبول نه ڪيون ته ان نوٽيفڪيشن جو فيصلو آئيني ادارن کي ڪرڻو پوندو. جيتوڻيڪ اسان چونڊون ڪرايون. تڏهن به خراب آهيون جڏهن ناهن ڪرايون ته تڏهن به خراب آهيون. جڏهن ڪرائيندا آهيون ته تڏهن به خراب آهيون. هن چيو ته مان سختي سان هن ڳالهه کي انڪار ڪيان ٿو ته جيڪي ماڻهو ماضي ۾ چوندا هئا ته سنڌ ون ۽ سنڌ ٽو ڪيو وڃي ان طرح جو ماڻهن شوشو ڇڏيو آهي ته ڪراچي ون ۽ ڪراچي ٽو ناهيو وڃي جڏهن ته حقيقت ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي.

بقايا *** 14

جو سربراهه مولانا بشير فاروقي پڻ موجود هو. واضح رهي ته ٻوڏ متاثرين جي لاءِ ترڪي کان امدادي سامان جا ٻه بحري جهاز ايندا. جنهن ۾ 864 ٽن امدادي سامان ڪراچي انٽرنيشنل ڪنٽينر ٽرمينل تي پهتو آهي. جڏهن ته ٻيو جهاز 4 فيبروري تي 900 ٽن امدادي سامان کڻي ايندو. جنهن ۾ ڪمبل، سياري جا گرم ڪپڙا، کاڌي پيتي جون شيون ۽ روزاني ضرورت جون شيون شامل هونديون. اهو سامان اين ڊي ايم اي ذريعي ٻوڏ متاثرن ۾ ورهايو ويندو. سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته ترڪي اسان جي هر ڏکي وقت ۾ مدد ڪئي آهي. تازي ٻوڏ ڪانپوءِ سڀ کان پهريون امدادي سامان ترڪي کان آيو سنڌ جي گورنر چيو ته پاڪستان ۽ ترڪي هڪ جان آهن. هن وڏيڪ چيو ته پاڪستاني عوام ترڪي جا شڪر گذار آهن. ترڪي جي قونصل جنرل Cemal Sangu چيو ته ترڪ عوام پاڪستان سان بيحد محبت ڪري ٿو. هن وڏيڪ چيو ته پاڪستان زنده آباد ۽ جيئي جيئي پاڪستان ترڪي جي هر بار کي ياد اهي.

بقايا *** 15

اهڙن خيالن جو اظهار هن ايڊيشنل چيف سيڪريٽري سيد نجم شاهه، مئنيجنگ ڊائريڪٽر سالڊ ويسٽ زبير احمد چنا ۽ سوئيپ پروجيڪٽ جي ٽيم سان گڏ مراڪش جي مطالعاتي دوري جي موقعي تي مراڪش جي لاڳاپيل وفد سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو هن چيو ته صوبي سنڌ ۽ خاص طور تي ڪراچي ۾ ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ. سيوريج ٽريٽمينٽ اوروويسٽ ٽو انرجي جي سيڪٽر ۽ سيڙپڪاري جا منافعي بخش ۽ پرڪشش موقعا موجود آهن جڏهن ته سالڊ ويسٽ جي حوالي سان دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي سيڙپڪارن هن سيڪٽر ۾ خاص دلچسپي ۽ سيڙپڪاري لاءِ رابطو ڪيو آهي صوبائي وزير چيو ته سوئيپ پروجيڪٽ ۽ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ جي ماهرن تي ٻڌل بهترين ٽيم ويسٽ جي حوالي سان قدمن ۾ مصروف آهي. پاڻ ان موقعي تي مراڪش جي نمائندي وفد. پاڪستاني وفد کي انجنيئرڊ لينڊ فل سائيٽ، گاربيج ٽرانسفر اسٽيشن (جي ٽي ايس)، ميٽيريل ريڪوري جي سهولت (ايم آر ايف)، ريفيوز ڊرائيوڊ فيول (آر ڊي ايف) پلانٽ، روڊن جي صفائي جو طريقيڪار جديد مڪينيڪل سوئيپنگ جي نظام جو دورو ڪرايو ۽ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ سسٽم جي 15 سالن جي ڪارڪردگي جي حوالي سان بريفنگ ڏني. ان کان علاوه هن جديد طرز تي ڪچرو کڻڻ، ٽريٽمينٽ ۽ محفوظ طريقي سان ڪچرو ٺڪاڻي لڳائڻ جي عمل جي طريقيڪار کي ڏٺو ۽ جي بابت ٽيڪنالوجي جي مڪمل بريفنگ ڏني وئي. ان مطالعي دوري جو مقصد ڪراچي ۾ سوئيپ پروجيڪٽ جي ڪارڪردگي جي حوالي سان آگاهه ڪيو هن ٻڌايو ته سوئيپ (SWEEP) پروجيڪٽ جي تحت انجنيئرڊ لينڊ فل سائيٽ، گاربيج ٽرانسفر اسٽيشن (جي ٽي ايس) ، ميٽيريل ريڪوري جي سهولت (ايم آر ايف) فراهم ڪئي ويندي، جڏهن ته پروجيڪٽ ويسٽ ٽو انرجي ۽ ريفيوز ڊرائيوڊ فيول (آر ڊي ايف) پلانٽ لاءِ مدد فراهم ڪري رهيو آهي. مڪاني واري وزير وفد سان گڏ ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ، سيوريج ٽريٽمينٽ اورويسٽ ٽو انرجي ڪمپنيز جي امڪاني سيڙپڪارن سان پڻ ملاقات ڪئي جيڪي لاڳاپيل شعبن ۾ پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندا آهن. ان موقعي تي مڪاني واري وزير مٿي ڄاڻايل ڪمپنيز کي ڪراچي اچڻ جي دعوت ڏني.

بقايا *** 16

آهي. نامياري صحافي موجب آخري ڪوشش طور پي ٽي آءِ جي فارغ ٿيل 8 ايم اين ايز سپريم ڪورٽ پهچي چيف جسٽس سان ملاقات ڪرڻ چاهي پر افسوس سان چوڻو پئي ٿو ته سپريم ڪورٽ جا در پي ٽي آءِ لاءِ بند ڪيا آهن. چو ته پي ٽي آءِ اڳواڻ چيف جسٽس کان اڳوات وقت وٺڻ بنا پهچي ويا، ان ڪري پوليس ڪين اهو چئي واپس ڪري ڇڏيو ته اوهان اڳواٽ وقت نه ورتو آهي. ان ڪري چيف جسٽس سان اوهان جي ملاقات نه ٿي ڪرائي سگهجي. اصل ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن کي ڪراچي عادت ٻيبل هئي جڏهن هو بنا ڪنهن اڳوات وقت وٺڻ جي جنهن به اداري جي سربراهه سان سنڌن ملاقات ٿي ويندي هئي پر ڪين اڄان احساس نه ٿيو آهي ته وقت ۽ حالتون هاڻي تبديل ٿي چڪيون آهن. ان ڪري ڪين مايوس ٿي واپس وڃڻو پئجي ويو

بقايا *** 17

10 گرام سون هڪ هزار 115 روپيا وڌڻ ڪانپوءِ هڪ لک 63 هزار 409 روپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 13 ڊالر گهٽجڻ سان 1925 ڊالر في اونس آهي.

بقايا *** 18

سهولتون فراهم ڪري سگهجن. شهرين جي شڪايتن جي فوري حل لاءِ ڊجيٽل ايپ ناهي ويندي ۽ جيئن شهرين جا مسئلا جلد کان جلد حل ٿي سگهن. شهرين کي بنا وقفي صاف پاڻي فراهم ڪرڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي ۽ شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي تنهن ڪري شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ ٿيڻ جي شڪايتن جي فوري طور حل ڪيو ويو چاڪاڻ ته ان عمل ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي جڏهن ته ڊال سسٽم جي وڏيڪ بهتر بڻائي شهرين کي پاڻي جي فراهمي کي بنا ڪنهن فرق جي يقيني بڻايو وڃي. سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان واٽر بورڊ انتظاميا شهر جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. اهڙن خيالن جو اظهار سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران اي ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ شهر ۾ پاڻي وارن مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل سمورن ايگزيڪيوٽو انجنيئرز کي اجلاس دوران خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي سي او او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان، چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري پڻ موجود هئا. اجلاس دوران آفيسرن کي هدايتون ڏيندي سي اي او واٽر بورڊ وڏيڪ چيو ته شهرين کي پاڻي جي فراهمي واري نظام کي وڏيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ بهتر حڪمت عملي اختيار ڪندي موثر ۽ ٺڪوا قدم کنيا وڃن ۽ شهرين کي پاڻي جي فراهمي نه ٿيڻ جي شڪايتن کي فوري طور حل ڪيو وڃي چاڪاڻ ته ان عمل ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته پاڻي جي سمورين لائينن جو مڪمل معائنو ڪيو وڃي جيڪڏهن ڪا لائين ليڪ يا خراب ٿي وئي هجي ته ان جي هنگامي بنيادن تي مرمت ڪئي وڃي ۽ لائينن ۾ موجود ليڪيجز جي خاتمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي واري نظام کي وڏيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ سمورن مسئلن ۽ شڪايتن کي ترجيحي بنيادن تي خاتمو ڪري شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ وڏيڪ موثر ۽ ٺڪوا قدم کنيا وڃن. هن جو چوڻ هو ته مون کي پوري اميد آهي ته واٽر بورڊ جا سمورا آفيسر ۽ ملازم پنهنجي ماضي جي روايتن کي برقرار رکندي مستقبل ۾ به شهرين جي خدمت جاري رکندي سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي بهتري لاءِ وڏيڪ موثر ۽ ٺڪوا قدم ڪڻندا رهندا ته جيئن شهرين کي ڪنهن به ڏکيائين ۽ پريشاني کي منهن ڏيڻو نه پوي. هن وڏيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان واٽر بورڊ انتظاميا شهر جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي

بقايا *** 19

ابوظهبي پوليس 6 نومبر کان 12 ڊسمبر 2022 دوران 159 ڀينن کي گرفتار ڪيو. جن ۾ اها عورت به شامل هئي. ان عورت وٽ ڪروڙين روپين جي ماليت جي گاڏي هئي پر پوليس طرفان گاڏي جي حوالي سان تفصيل ناهن ٻڌايا ويا. پوليس شهرين کي تنبيهه ڪئي آهي ته شهر ۾ ڀڃ غير قانوني آهي، تنهن ڪري ڀينن کي پئسا ڏيڻ بدران رجسٽرڊ تنظيمن کي عطيو ڏيو

بقايا *** 20

رحمت ۽ جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ پونئرن کي صبر جميل عطا فرمائي، آمين

بقايا *** 21

ڪيس گرفتار ڪري وفاقي گاڏي واري هنڌ وٺي وئي هاڻي ان حوالي سان اسلام آباد پوليس جو بيان سامهون آيو آهي. جنهن ۾ فواد چوڌري جي گرفتاري جي تصديق ڪئي وئي آهي.اسلام آباد پوليس سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري خلاف آئيني اداري جي درخواست تي ڪيس داخل ڪيو ويو.اسلام آباد پوليس موجب ڪوهسار ٿاڻي ۾ ڪيس سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي درخواست تي داخل ڪيو ويو.اسلام آباد پوليس جو وڏيڪ چوڻ آهي ته فواد چوڌري چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرن کي ڌمڪيون ڏنيون ته هو پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏين. وفاقي راڄڌاني پوليس وڏيڪ چيو ته فواد چوڌري آئيني ادارن خلاف بدامني پيدا ڪري عوام جا جذبا مجروح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪيس جي ڪارروائي قانون موجب ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 22

رڪن قومي اسيمبلي قادر خان مندوخيل ۽ سندس خاندان سان برابر جا شريڪ آهن. الله تبارڪ تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. ان جي مغفرت فرمائي. ان جا درجات بلند فرمائي ۽ مرحوم جي سمورن سوگوارن، پونئيرن کي صبر و جميل جي توفيق عطا فرمائي آمين

بقايا *** 23

جي گورنر هائوس ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ نگران ڪابينه جي معاملي تي مشاورت ڪئي ڪنهن به حتمي نتيجي تي ناهي پهچي سگهيو. ذريعن موجب خيبرپختونخواه ۾ نگران ڪابينه جا نالا فائنل ناهن ٿي سگهيا ۽ پي ڊي ايم پارٽين به اڄان ٿائين پنهنجا نالا فائنل ناهن ڪري سگهيون. ذريعن موجب اڪرم خان دراني جي ٻن ڏينهن ۾ خيبرپختونخواه جي گورنر سان ٻئي ملاقات ٿي آهي هو گذريل ڏينهن به 8 ڪلاڪن کان وڏيڪ گورنر هائوس ۾ موجود رهيو. ذريعن ٻڌايو آهي ته پي ڊي ايم نگران ڪابينه جي لاءِ 16 کان 18 نالن جي لسٽ تيار ڪري ورتي آهي جڏهن ته وڏو وزير اعظم خان مختصر ڪابينه ناهڻ جو حامي آهي.

بقايا *** 24

فوج ۽ پوليس ذريعي ڪارروائي جي رٿابندي ڪئي وئي آهي. پاڪستاني انٽيليجنس ادارن ڀارتي منصوبي جي ٽن اهم ڪردار جو پتو به لڳائي ورتو آهي. ڀارت جي 93 انفينٽري بريگيڊ جو ايجنٽ بشير ۽ ساٿي عالم ۽ اسلم فالس فليگ آپريشن جا مک ڪردار آهن. بشير جو مقامي ماڻهن ذريعي جشڪوال، آزاد ڪشمير پاسي کان آءِ اي ڊي لڳائي والاريل ڪشمير ۾ داخل ٿيڻ جو پلان آهي. ڀارتي منصوبي تحت مسجد پرسان ان ڪارروائي کي ناڪام بڻائيندي ڏيکاريو ويندو منصوبي تحت ڀارتي فوج ۽ پوليس جعلي برآمدگي به ظاهر ڪندي واضح رهي ته ڀارت جو جمهوري ڏهاڙو 26 جنوري تي ملهايو ويندو

بقايا *** 25

وٺرائڻ جي ضرورت آهي. هن اها ڳالهه اڄ مقامي هوٽل ۾ ترڪي جي واپاري برادري جي وفد کي خطاب ڪندي چئي، تقريب کي ترڪي جي قونصل جنرل ڪيمل سنگو Cemal SANGU پڻ خطاب ڪيو. صنعت ۽ واپار وارو سيڪريٽري رشيد احمد سولنگي پڻ تقريب ۾ موجود هو تقريب ۾ ترڪي ۽ پاڪستان جي صنعتڪارن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪتڪئي. ياد رهي ته ترڪي جي 30 وڏينڪمپنين سان لاڳاپيل واپاري سنڌ جي دوري تي آهن. دوري جو مقصد ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ آهي. صنعت ۽ گڏيل امداد واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو وڏيڪ چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ آگسٽ 2022ع ۾ هڪ معاهدو ٿيو آهي. پاڪستان ۽ ترڪي جا مختلف شعبن ۾ سٺا واپاري لاڳاپا قائم آهن. هن چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار جو حجم گذريل ٻن مهينن ۾ 10 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو آهي. جيڪا خوش آئند ڳالهه آهي. صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته هن ترڪي جي سيڙپڪارن کي پاڪستان خاص ڪري سنڌ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي. ترڪ صدر رجب طيب اردگان امت مسلمه لاءِ رول ماڊل آهي. هن چيو ته اميد آهي ته ترڪ سيڙپڪار سنڌن درخواست تي غور ڪندا. هن ترڪ حڪومت ۽ عوام جو سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪندي چيو ته ٻنهي اسلامي ملڪن وچ ۾ بهترين پائيدار لاڳاپا آهن.

بقايا *** 26

سن ۽ ٻين شهرن ۾ پيپلز پارٽي جي تازي بي ڊي اليڪشن ۾ هار برداش نه ٿي سرعام پوليس گردي ڪري بي گناهن ڪامياب اميد وارن ۽ ڪومپرسن مٿان ڪورا ڪيس ۽ گرفتاريون عمل ۾ آنديون ويون جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي اهڙن خيالن جو اظهار ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه ناروشاهه ۽ ايس يو پي جي مرڪزي مالياتي سيڪريٽري مختيار حسين ميمڻ جي ڀيڻ جي وفات تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هن وقت ملڪي صورتحال سنگين مسئلن بجلي گئس تيل ۽ مهانگائي جي ور چڙهي ويو آهي پر حڪمرانن وٽ ڪا به پاليسي نه آهي سواءِ ڪرپشن جي لٽ مار جي تازو ٻوڏ متاثرين جي هڪ وٽ مليل ٻوڏ ۾ سنڌ جي مارونڙن جي ٻوڙهي ۾ بدرگي ٻاهران آيل امداد ڪرپشن جي رڄاڙهي ۾ پنهنجا ٻپ پريا جڏهن ته مونٽري ميگا اسڪينڊل به اوهان جي سامهون آهي زرداري ليگ جا واٽا ڪڪ پٽي مان ڪروڙ پتي ٿي ويا آهن هن چيو ته زرداري مافيا سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ ڪا به قصر نه ڇڏي آهي هاڻي سنڌ جي شعور ۽ آيندي کي اهيو سوچڻ پوندو ته هو اليڪشن ۾ سنڌ دوستن کي ووٽ ڏين ته ذريعي انقلاب جي صورت ۾ ڪامياب ڪرائي ته جيئن ڪرپٽ حڪمرانن جو خاتمو آئي سنڌ کي ترقي طرف ڏکي سگهجي ان موقعي تي ايس يو پي جي جام اسلم ڪوريجو ناروشاهه سٽي صدر فرحان سومرو ڪاشف سيال منو مڱگي خادم سيال مهر سطلو صحافي ايم آر عباسي بشارت سومرو راشد ميمڻ ۽ ٻيا ساٿي گڏهيا.

بقايا *** 27

ڪورٽ جي فيصلي جي ڪاپي عدالت ۾ جمع ڪرائي. وڪيل انور منصور خان چيو ته سپريم ڪورٽ جي حڪم بعد اليڪشن ڪميشن اسان جي خلاف ڪاروائي ڪئي. خدشو آهي اليڪشن ڪميشن فردجرم جي ڪاروائي نه ڪري. چيف جسٽس پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته اوهان جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن عدالت نه آهي هن ڪري هو توهين جا نوٽيس نٿي ڏئي سگهي. وڪيل چيو ته آئين جي آرٽيڪل 204 ۾ توهين واضح آهي. عدالت ته ماتحت ٿي آهين پر توهين عدالت جي نوٽيس جو اختيار سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جو اختيار آهي. جسٽس سعيد يوسف پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته اگر سرڪاري ادارو يا ڪهڙو ماڻهو درست ڪم نه ڪري تي عدالت جا ڪري. وڪيل چيو ته ماتحت عدالتن وٽ اختيار نه هو ريفرها ڪورٽ کي ڪري سگهي ٿي. وڪيل چيو ته اليڪشن ڪميشن جو ايڪٽ 2017ع جو سيڪشن 10 غير آئيني آهي اسان هن کي چيلنج ڪيو آهي. عدالت ڪيس 16 فيبروري تائين ملتوي ڪندي زباني اسٽي آرڊر جاري ڪرڻ جي استدعا رد ڪري ڇڏي آهي

بقايا *** 28

چوڪ وٽ ڌرڻو هنيو. چتي نعريبازي ڪئي وئي شهيد اهلڪار جي وارث موجب غلام قادر ڪوسو 12 ڊسمبر 2022 تي ڊيوٽي دوران هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويو وارثن موجب پوليس هن وقت تائين شهيد جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪک پچي ٻيٽو ناهي ڪيو

بقايا *** 29

سيڪريٽري حامد يعقوب شيخ جي اڳوائي ۾ وفد ۽ مالياتي اداري پاران مشن چيف ناٿن پورٽر ڳالهين ۾ شريڪ ٿيا. ڳالهين جي پهرين دور ۾ نائين جائزي بابت غور ويچار ٿيو. حڪومتي وفد سمورا شرط پورا ڪرڻ جي خاطري ڪرائي جڏهن ته آءِ ايم ايف مشن جي دوري جي تاريخ طئي نه ٿي سگهي ذريعن موجب ذريعن موجب ڳالهين دوران آءِ ايم ايف بجلي تي سبسڊي ۽ مختلف شعبن ۾ ڇوٽ ختم ڪرڻ جا شرط لڳايا آهن. آءِ ايم ايم جي مشن ڊائريڪٽر ناٿن پورٽر سختي سان چيو ته پهرين شرط پورا ڪريو پوءِ دورو ڪبو جڏهن ته پاڪستاني وفد جي اڳواڻي ڪندڙ ناڻي سيڪريٽري حامد يعقوب شيخ چيو ته پهرين جولاءِ کان گئس اگهن ۾ واڌ ڪري رهيا آهيون. بجلي تي ڏنل جي سبسڊي به ختم ڪئي ويندي. پيٽرول جي ليوي به وڌايون پيا آءِ ايم ايف مشن ڊائريڪٽر چيو ته ڊالر جي قدر ۾ واڌ کي هٿرادو طريقي سان نه روڪيو وڃي. ٽيڪس جي ڊي پي جي شرح وڌائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ذريعن جي چوڻ کان پوءِ ڳالهين جو ٻيو دور اڄ ٿيڻ جو امڪان آهي. جنهن ۾ آءِ ايم ايف مشن جي دوري جي تاريخ طئي ڪئي ويندي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته اسان عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) کي اڄ تي اهو پيغام ڏنو آهي ته اسان توهان سان نائين جائزو مڪمل ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اسان کي سچي ۽ کپي کان واضح پيغام آهي ته اسان پاڪستان سان گڏ آهيون ۽ پاڪستان جي عوام جي اڪيلو نه ڇڏينداسين پر آءِ ايم ايف سان پنهنجو پروگرام مڪمل ڪيو اسلام آباد ۾ نوجوانن جي لاءِ ڪاروباري ۽ زرعي قرضن جي پروگرام جي افتتاح جي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف وڏيڪ چيو ته هن چيو ته انتهائي ذڪي وقت مان گذري رهيا آهيون ۽ اسان آءِ ايم ايف کي اڄ تي پيغام ڏنو آهي ته اسان توهان سان نائين جائزو مڪمل ڪرڻ چاهيون ٿا

بقايا *** 30

جي دور ۾ سياسي گرفتاريون ڪيون ويون. سنڌس دور ۾ وزير گرفتارين کان اڳ گرفتارين بابت پريس ڪانفرنس ڪندا هئا. مريم اورنگزيب چيو ته فواد چوڌري خلاف اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي. 9 مهينن کان اسان حڪومت ۾ آهيون ۽ تحريڪ انصاف جا وزير به گهٽو ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن. عمران خان جي دور ۾ ٻيءِ جي سامهون ڏيءِ کي گرفتار ڪيو ويو. اهو سياسي انتقام هو. شهباز شريف کي گرفتار ڪيو ويو. سنڌس ڏيءِ جي گهر مٿان حملو ڪيو ويو. وفاقي وزير چيو ته عوام کي هاڻ فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڪنهن کان لاتن چڪي آهي. پاڪ فوج خلاف تحريڪ انصاف جي ٽوئٽر اڪائونٽس تان مهم هلائي وئي. هي هاڻ آئيني ادارن کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته اسان جي اڳواڻ خلاف فيصلو آيو ته اوهان جو جيئڻ مشڪل ڪري ڇڏينداسين. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کي ادارن کي ڌمڪي ڏيڻ جي اجازت ڏني وئي ته پوءِ اهو حق عوام کي به ملڻ گهرجي. هن چيو ته تحريڪ انصاف جي دور ۾ صحافين کي به کنيو ويندو هو. ڪين پيٽ ۾ گوليون هنيون وينديون هيون. هي صحافين کي ڌمڪيون ڏيندا هئا، گاريون ڏيندا هئا. هنن صحافين کي جيلن ۾ وجهرايو. نهال هاشمي جي سزا تي عمران خان خوشي وچان ٽوئٽ ڪيو هو نهال هاشمي جي بيان جي اسان جي پارٽي طرفان مذمت ڪئي وئي. وفاقي وزير چيو ته فريال ٽالپر کي عيد واري ڏينهن اسپتال مان گهلي جيل ۾ ڏڪو ويو رانا ثناءالله تي 20 ڪلو هيروئن جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو اڄان ٿائين ته اهو بيگ مليو آهي نه ئي وري هيروئن. اسان جا سمورا ماڻهو پنهنجا ڪيس اڄان ٿائين عدالتن ۾ وڙهي رهيا آهن.

بقايا *** 31

رڪن قومي اسيمبلي قادر خان مندوخيل ۽ سندس خاندان سان برابر جا شريڪ آهن. الله تبارڪ تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. ان جي مغفرت فرمائي. ان جا درجات بلند فرمائي ۽ مرحوم جي سمورن سوگوارن، پونئيرن کي صبر و جميل جي توفيق عطا فرمائي آمين

بقايا سنڌيار 01

پاران ڪم ڇڏي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا رهواسين قاري عبدالسلام حبيب بلوچ غلام رسول ڪلمتي صديق ماڇي غني ماڇي عالم خاصخيلي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هي لوڻ ڪمپني 1952 کان قائم آهي هنن چيو ته هي ڪنهن ٻاهر جي چوڻ تي اڄ اسان جي سالن کان ڪمپني بند ڪري اسان کي هن منگهائي جي دور ۾ بيروزگار ڪري اسان جي ٻچن کي بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن هنن پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزيراعلي سنڌ ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته فوري اسان سان انصاف ڪري اسان کي بيروزگار ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 02

ڪان مطالبو ڪيو ته اسان کي جلد کان گهر ٺهرايي ڏنا وڃن

بقايا سنڌيار 03

جامشورو کان دادو طرف ويندڙ لايين جو بجلي پول ڪرڻ سبب جامشورو ۽ دادو ضلعن جي شهرن ڳوٺن جي بجلي بند ٿي وئي بجلي جو پول ڪرڻ سبب انتظاميا ۾ ٽرٽلو مچي ويو واپڊا ۽ پوليس اختياريون ڪريل پول واري هنڌ پهچي ويون ذريعن موجب وڏي عرصي کان پول مان پٽيون چوري ٿيڻ سبب پول ڪمزور ٿي ڪري پيو آهي پوليس موجب هر طرح جي وڌيڪ جانچ هلندڙ آهي

بقايا سنڌيار 04

اڳيان احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي. خبر موجب آئي بي اي پاران PST ۽ JEST جي 2021 ع ۾ ورتل ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ بدين ضلعي جي نوجوانن جو سنڌ حڪومت پاران تعليم کاتي ۾ ڀٽو معيار قائم ڪري پنهنجا نوازڻ. سنڌ کي هارڊ ۽ سافٽ ايريا ڪري ٻن حصن ۾ ورهائڻ ۽ ڪين تعليم کاتي ۾ آيل نوڪرين ۾ نظر انداز ڪرڻ خلاف ٽنڊوباڳو پريس ڪلب اڳيان نورحسن کوسو نياز لنڊ ۽ عامر رستماڻي جي اڳواڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي آئي بي اي ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ اميدوارن سخت نعريبازي ڪندي چيو ته سنڌ سرڪار سنڌ جي ماڻهن کي سدائين پٽ سان لڳايو آهي پيپلزپارٽي اٽي لٽي ۽ اجهي جي بهاني تي ووٽ وٺي سنڌين کي برابري جي بنياد تي حق ڏيڻ بدران پنهنجا نوازي ڪئي آهي. هنن چيو ته 2021 ع ۾ آئي بي اي جهڙي سٺي ساک رکندڙ اداري پاران PST ۽ JEST جي ورتل ٽيسٽ ۾ ڄاڻي واڻي غلطيون ڪيون ويون جڏهن ته غلطين جون گريس مارڪون نه ڏنيون ويون ۽ پوءِ هڪ سنڌ ۾ هڪ پاليسي بجاءِ ٻٽي پاليسي ڪري سنڌ جي وزيرن ۽ پوٽارن پنهنجي خاص علائقن لاءِ جدا جدا قانون لاڳو ڪري هارڊ ايريا ڄاڻايو ۽ نوجوانن کي گريس مارڪون ڏيئي 33 مارڪن تي پاس ڪري آفر ۽ پوسٽنگ آرڊر جاري ڪيا. اهڙي طرح سنڌ کي هارڊ ۽ سافٽ ايريا تحت ٻن حصن ۾ ورهايو ويو جڏهن ته حقيقي پٺتي پيل علائقن جي نوجوانن کي 40 سيڪڙو مارڪن جي شرط تي پاس ڪيو ويو آهي. جيڪا سنڌ جي پڙهيل لکيل نوجوانن سان سراسر نا انصافي آهي. سنڌ حڪومت جي اهڙي سازشي پاليسي ۽ ناجائزي اسان ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين. سنڌ هڪ آهي ته پاليسي به هڪ هجڻ گهرجي، ٻٽي پاليسي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. جيڪڏهن سڄي سنڌ جي 33 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ نوجوانن کي برابري جي بنياد تي پاس نه ڪيو ويو ته اسان پنهنجون ڊگريون ۽ تعليمي سرٽيفڪيٽ بلاول هائوس ڪراچي آڏو ساڙيندا سين. آهي. جيڪا سنڌ جي پڙهيل لکيل نوجوانن سان سراسر نا انصافي آهي. سنڌ حڪومت جي اهڙي سازشي پاليسي ۽ ناجائزي اسان ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين. سنڌ هڪ آهي ته پاليسي به هڪ هجڻ گهرجي، ٻٽي پاليسي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. جيڪڏهن سڄي سنڌ جي 33 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ نوجوانن کي برابري جي بنياد تي پاس نه ڪيو ويو ته اسان پنهنجون ڊگريون ۽ تعليمي سرٽيفڪيٽ بلاول هائوس ڪراچي آڏو ساڙيندا سين

بقايا سنڌيار 05

ڪاٺ پٽڻ جو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي اسين الله جي اوسيڙي سخت ڏک ۾ وينا آهيون جڏهن ته تاحال ڪنهن قسم جي مدد متاثرن تائين پهچي نه سگهي آهي

بقايا سنڌيار 06

" مرڪزي جماعت اهل سنت جي صوبائي اڳواڻ ميان محمد سومر انڊڙ سهروردي سڪندري، سياسي سماجي اڳواڻ ميان خيردين انڊڙ ۽ ميان شير محمد انڊڙ جي ميزباني هيٺ ٿي گذري، جنهن جي صدارت پير آف پرچوندي پير ميان عبدالخالق قادري جن ڪئي، خصوصي خطاب حافظ علي اڪبر قاسمي، ابوهاشم محمد مدل ڪرمي جن ڪيو. سيد ضياء الله شاه، سيد ضمير حسين شاه جيلاني، ڪنزالايمان فائونڊيشن جي باني صاحبزاده محمد عثمان، درگاه بگوشير جي سجاده نشين ميان عابد حسين انڊڙ سهروردي، سني تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ حافظ محبوب سهتو قادري،ميان صفدر حسن انڊڙ سهروردي، مفتي علم الدين سڪندري، قاري نائب علي سعيدي ۽ ٻين مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت ڪئي، معروف نعتخوان عبدالحق طاهري ۽ سندس ساٿي، محمد يوسف سومرو حسيني ۽ ٻين حمد، نعتون ۽ منقبتون پڙهيون. مدرسه جامع غوثيه سلطانيه منجهان قرآن پاڪ جوحفظ مڪمل ڪندڙ پنجن شاگردن ۽ ٻن نيائين جي دستاربندي پڻ ڪرائي، پروگرام جي آخر ۾ پير آف پرچوندي خصوصي دعا فرمائي، جڏهن ته ان موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا، آخر ۾ کهڙي آيل سڄي جماعت ۾ لنگر عام تقسيم ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 07

هيڊ ماستريائي تنجيلا زهرا ۽ استاد مظفر ڪٽي تي تشدد ڪرڻ جو نوٽيس وٺندي سيڪريٽري تعليم پاران ايڊيشنل ڊائريڪٽر تعليم حيدر آباد ريحن فهميده جمالي جي اڳواڻي ۾ جوڙيل جانچ ٽيم ڳوٺ تماچي ٻجير پهچي هن معاملي جي مڪمل جاچ ڪري پنهنجي رپورٽ سنڌ جي سيڪريٽري تعليم کي پيش ڪري ڇڏي جنهن ۾ جانچ ٽيم ڄاڻايو آهي ته استاد امتياز عمراڻي اڳواڻي ڊي اي او بدين جي زباني چوڻ تي تماچي ٻجير اسڪول جي هيڊ ماستري جي پاڻ مرادو چارج ته ورتي پر هو ڪڏهن ڊيوٽي تان غائب هوندو هو هن رپورٽ ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته اسڪول جي شاگردن ۽ ڪجهه معزز شهرين کان بيان وٺڻ ڪانپوءِ اهو به ثابت ٿيو آهي ته امتياز عمراڻي ٻن ڳوٺن استاد آهي هن جي بابو ميٽرڪ ڳوٺ ڏتي بخش خاصخيلي جي پرائمري اسڪول تي آهي جتان به هو ڊيوٽي تان غائب آهي ۽ هن زبردستي تماچي ٻجير پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستريائي تنجيلا کان چارج وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان تي تشدد ڪيو پر هن اسڪول جي استاد مظفر ڪٽي تي به تشدد ڪيو اهڙي رپورٽ ملڻ ڪانپوءِ سيڪريٽري تعليم پٽ الف جي اڳواڻ امتياز عمراڻي کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي ٻئي طرف مس تنجيلا زهرا بدين پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته امتياز عمراڻي پاران مون کي ڌمڪايو پيو وڃي ته آئون پنهنجو بيان ۽ ڪيڻ ٿاڻي تي داخل ڪيس تان هٽ ڪئي وڃان ته منهنجي لاءِ سلو ته ٿيندو هن ٻڌايو ته مون اڄ ايس ايس پي بدين کي پڻ لکت ۾ آگاهه ڪري ڇڏيو آهي هن تعليم کاتي جي اعلي آفيسرن ۽ ڊي آئي جي حيدر آباد کي اپيل ڪئي آهي ته کيس تحفظ ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 08

ناهيد ميمڻ پي ٽي آئي اڳواڻ عرفان جوڪيو سائين جاويد درس مراد ساٽي. وقار ميمڻ. ذوالفقار عرف ذوالفي ڳاهو. عمران آرائين. ماما رمضان گندرو. راحيل هالو ۽ ٻين اڳواڻن پاران PTI جي مرڪزي اڳواڻ فواد چوڌري جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته امپورٽيڊ حڪومت اسانجي قائدين ۽ ڪارڪنن خلاف سخت انتقامي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن. جنهن جو اهو پيشو بڻجي ويو آهي ته اقتدار ۾ اچي ماڻهن کي ماريو يا انهن کي جيل ۾ وجهو. جنهن عمل جي جيتري به مذمت ڪجي اها گهٽ آهي پي ٽي آئي اڳواڻن چيو ته امپورٽيڊ حڪومت اهو وساري ڇڏي ته PTI ڪا بزدلن جي پارٽي آهي، جيڪا انهن جي گرفتارين کان ڊڄي ويندي، اڳواڻن جو چوڻ هو ته هو گرفتارين کان ڊڄڻ وارا ناهن. هنن جا حوصلا بلند آهن گرفتاريون اسان کي پنهنجي مقصد تان هرگز هٽائي نٿيون سگهن

بقايا سنڌيار 09

جنرل سيڪريٽري وڪيل سعيد پنهور، ناميارو ڪهاڻيڪار سليم مگسي، ڊاڪٽر جي ايم مگسي علي شير ڳوريڙ پروفيسر محمد ابراهيم چانڊيو نصير عباسي محمد پاهي صمد ٻگهيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ورسي تقريب دوران سياسي سماجي اڳواڻن ڪامريڊ کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي، ورسي تقريب کي خطاب ڪندي عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي صدر سيد لعل شاه ايڊووڪيٽ چيو ته ڪامريڊ ٻگڻ چانڊيو پنهنجي سڄي ڄمار هارين جي حق لاءِ جاکوڙيندي گذاريو هو سماج ۾ جاڳرتا پکيڙڻ ۽ جدوجهد ڪندڙ ڪردار رهيو. هن کي ڪتابن سان پيار هيو هن سنڌ ۾ هاري تحريڪ کي منظم ڪيو. جاگيرداري نظام خلاف جاڳرتا ۽ عوامي سجاڳي ۾ هن جو بهتر ڪردار رهيو هن مذهبي انتها پسندي خلاف جدوجهد ڪئي هو سچو پچو عملي ۽ باڪردار هاري اڳواڻ هيو. تقريب کي خطاب ڪندي حبيب الله حضوري، سليم مگسي، طاهر محزون، وڪيل سعيد پنهور عادل چانڊيو، ڊاڪٽر جي ايم مگسي، منظور مهيسر، بصير ڳوري، محمد اسحاق گاڏهي جنيد ماجد پنهور ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي ڪامريڊ ٻگڻ جهڙي عوامي ڪردارن جي ضرورت آهي. سنڌ هاري ڪاميٽي، سنڌي هاري تحريڪ هن تقريب دوران ناميارن شاعرن حبيب حضوري محبوب علي محبوب ڏيپر ۽ ٻين شاعري پيش ڪئي

بقايا سنڌيار 10

درس، عطاءالله ڪوسو، عارب مينگهواڙ، ديدار ابڙو، خميسو ملاح، غلام محمد ملاح ۽ ٻين اسڪولي عمارت جي تعمير نه ٿيڻ سبب اڄ ٽئين ڏينهن به پوليو ٽيمن کي موٽائي ڇڏيو عمارت نه ٺهڻ تائين بائيڪاٽ جاري رکڻ جو اعلان خبر موجب: تعلقي ٽنڊو باگو جي يوسي ڏيڻي جي ڳوٺ ميڻان ۾ ڳوٺاڻن احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته اڌ صدي کان مٿي پراڻي پرائمري اسڪول ميڻان جي عمارت 2011 ع جي برساتن ۾ زبون حال ٿيڻ ڪانپوءِ گذريل 12 سالن کان ڍهي پٽ پئجي وئي آهي جنهن ڪانپوءِ مسلسل 12 سالن کان معصوم ٻارڙا اس برسات توڙي سردي ۾ کليءَ آسمان تعليم پرائڻ تي مجبور آهن جن جي ٺهرائڻ لاءِ مسلسل احتجاج ڪندا رهيا آهيون ۽ ڪيترين ئي وسارن کي درخواستون ڏنيون آهن پر ڪنهن به نوٽيس نه ورتو انهي موقعي تي هن اعلان ڪيو ته اسڪول جي عمارت نه ٺهڻ تائين هر پوليو مهم جو بائيڪاٽ جاري رکندا جيستائين سندن اسڪول جي عمارت نٿي ڏني وڃي هنن وڌيڪ چيو ته 180 کان وڌيڪ ٻارڙا گذريل 12 سالن کان کليءَ آسمان تعليم پرائي رهيا آهن ۽ گذريل سال هن اسڪول جي عمارت جو ٽينڊر به ٿيو هو جيڪو ڪاغذن ۾ گم ٿي ويو آهي هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ سيشن جج بدين کي اپيل ڪئي آهي ته سندن احتجاج جو نوٽيس وٺي اسڪول جي عمارت تعمير ڪرائي ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 11

جي نوجوان کي ٻه ڏينهن اڳ غلام مصطفیٰ ٻبر، امجد ٻبر، اصغر ٻبر ۽ ٻين اغوا ڪيو هيو جنهن جو اطلاع ۽ ٿاڻي ڏنو هيوسين جنهن جي لاش پاڻي مان هٿ پير ٻڌل ۽ گوليون لڳل لاش مليو آهي، ٻئي طرف وارثن پاران انصاف جي لاءِ انڊس هاءِ وي تي لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو جنهن بعد ايس ايچ او پاران قتل ٿيل نوجوان جي وارثن سان انصاف ڪرڻ ۽ جلد کان جلد نوجوان جا قاتل گرفتار ڪرڻ جي يقين ڏهاڻي ڪرائي، جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو ٻئي پاسي پوليس جو چوڻ هيو ته واقعو پراڻي دشمني سبب پيش آيو آهي

بقايا سنڌيار 12

اگهن بابت سرڪاري حڪمن تي عمل ڪرائڻ ۽ عوام کي رليف ڏيارڻ لاءِ ماتلي سميت تعلقي جي مختلف علائقن جو اوچتو دورو ڪري دڪاندارن اٽي چڪي مالڪن سميت کاڌي پيتي جي شين جي ننڍن وڏن دڪانن تي وڃي اگهه لسٽون چيڪ ڪيون ۽ اتي موجود ماڻهن کان معلومات پڻ ورتي ۽ اٽي جي چڪين جو پڻ دورو ڪيو انهي موقعي تي مختيار ڪار ماتلي زوهيب ميمڻ دڪاندارن کي سختي سان چيو ته جيڪڏهن ڪنهن به دڪاندار واپاري هٿرادو مهانگائي ڪئي ۽ شين جي ذخيرا اندوزي ڪئي ته انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي سرڪاري اگهن تي عمل ڪيو وڃي عوام کي ڪٿي به اهڙي شڪايت ڪري نشاندهي ڪن

بقايا سنڌيار 13

ڪمن ۾ سري عام ناقص مٽيريل استعمال ڪري رهيو آهي جنهن جي اهڙي عمل خلاف جسڪاڻي شاخ جي آس پاس ڳوٺن جي ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري ٺيڪيدار ۽ روهڙي ڊويزن مورو جي عملدارن خلاف نعري بازي ڪندي ڳوٺاڻن محمود علي، نواب خان، رحيم علي، حسن بخش، محمد سليم، نورمحمد، معروف، سليم ۽ ٻين چيو ته سنڌ حڪومت پاران 1 ارب 30 ڪروڙ رپين جي بجيٽ ٺيڪيدار طارق مسعود عرف پپو چنو کي ڏني وئي آهي جنهن کي جسڪاڻي شاخ سميت ٻين ٽن شاخن کي وارا بندي وارن ڏينهن ۾ ڪم مڪمل ڪري پڪو ڪرڻو آهي ڪيس شاخن جي ڪم ۾ 1.2 جو ريشو استعمال ڪرڻو آهي پر ٺيڪيدار سرعام شاخن جي ڪم ۾ 4.1 ۽ 6.1 جو ريشو استعمال ڪري ٿو جنهن جي ڪري هن وقت تائين جيڪو ڪم ٿيو آهي اهو ڪجهه ڏينهن اندر هنڌان هنڌان ڀرڻ شروع ٿي ويو آهي ۽ ٺيڪيدار طارق مسعود عرف پپو چنو ڪم ڪندڙ مزدورن کان جيڪو ڪم ڪرائي ٿو ان ۾ 2 ٽرالين ڪريش 2 ريتي هڪ بوري سيمنٽ وجهرائي ٿو جڏهن ته هنن کي ورڪ آرڊر تحت هڪ ٽرالي ڪريش هڪ ريتي ۾ هڪ بوري سيمنٽ جي استعمال ڪرڻي آهي پر سڄو ڏينهن مزدور سري عام جيڪو ڪم ڪري رهيا آهن ان ۾ 4 ۽ 6 ٽرالين ڪريش ۽ ريتي ۾ هڪ بوري سيمنٽ استعمال ڪن ٿا انهن خلاف روهڙي ڊويزن مورو جي انجنيئر افتخار لانگاهه کي بار بار شڪايت ڪري چڪا آهيون جيڪو پڻ ٺيڪيدار خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي جنهن جي ڪري مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته جيڪڏهن ٺيڪيدار هڙو غلط ڪم ڪري شاخن کي ائين ناهي سنڌ حڪومت کان ا رب ۽ 30 ڪروڙين رپين جي رقم وٺي هليو ويندو ته پوءِ اسان سڄي عمر سورن ۾ پئجي ويندا سين چو ته جيڪڏهن ناقص مٽيريل استعمال ڪري شاخن کي ناهي هليو ويو ته پوءِ ڪجهه مهينن اندر جڏهن شاخن ۾ پاڻي وهي ايندو ته ان کان پوءِ ڀڄڻ شروع ٿي وينديون ۽ شاخن ۾ پاڻي ته ايندو جنهن جي ڪري اسان جون هزارين ايڪڙ آباد زمينون بنجر ٿي وينديون. ان ڪري شاخن کي پڪو ڪندڙ ٺيڪيدار کان تڪڙو ۽ صحيح ڪم ڪرايو وڃي. ٻيءَ صورت ۾ اسان پنهنجو احتجاج جاري رکنداسين. هنن چيو ته ٺيڪيدار طارق مسعود عرف پپو چنو ڪم صحي ڪم نٿو ڪري جنهن جي خلاف اسان ان وقت تائين احتجاج جاري رکنداسين جنهن وقت تائين صحي ڪم ڪرائي ڳوٺاڻن ۽ آبادگار جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويندا

بقايا سنڌيار 14

دادو سيوهڻ روڊ کي ملائي ٿي جڏهن ت هن گهٽيءَ مان ڪيترائي ماڻهون اچن وڃن ٿا پر سيوهڻ ميونسپل انتظاميه هن گهٽيءَ کي صاف ڪرائڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي وئي آهي جڏهن ت هن گهٽي ۾ سيد ٻريل شاه ابدال جي مزار ۽ ڪافي پڻ آهي جڏهن ت هن ڪافي ۾ سائين ٻريل شاه ابدال جا روزانه سوين مريد اچن وڃن ٿا خدارا ڪجهه سيوهڻ جي پٽي محلہ جي مرجان هوٽل جي اوتر طرف واري گهٽيءَ جي صفائي ڪرايو جڏهن ت سيوهڻ ميونسپل انتظاميه سيوهڻ جي صفائي وارو عملو هن پراڻي گهٽي جي صفائي ن ڪري رهيا آهن ان جي ڪري هن گهٽي مان ماڻهن کي اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف پيش اچي رهي آهي جڏهن ت ڪافي چڪر هن گهٽي جي صفائي لاءِ ميونسپل انتظاميه سيوهڻ جي صفائي انچارج کي فون ذريعي شڪايت پڻ ڪئي آهي پر ان شڪايت جي باوجود ب سيوهڻ ميونسپل انتظاميه جي صفائي ڪرائڻ وارو انچارج هن گهٽي جي صفائي ن ڪرائي رهيو آهي خدارا هن گهٽي جي صفائي ڪرائي ڏيو

بقايا سنڌيار 15

تي قبضو ڪندڙ ۽ ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائيندڙ فلڪ شير ٻنگر ۽ ٻين کي ليگل نوٽيس جاري، ادارن طرفان اعلي سطح جي جانچ شروع تفصيل موجب آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستاني بيواهه عورت تبسم ٻنگر ۽ سندس ٻارن پاران جوابدار فلڪ شير ٻنگر، اقبال ٻنگر، عاشق ٻنگر ۽ ٻين خلاف ٻيهر ڪئي احتجاج ڪيو ويو ان سلسلي ۾ بيواهه عورت تبسم ٻنگر جي وڪيل امر جمالي طرفان مبينا جعلسازي ذريعي ملڪيت تي قبضو ڪندڙ فلڪ شير ٻنگر، اقبال ٻنگر، عاشق ٻنگر ۽ ٻين کي ليگل نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي، جنهن ڪانپوءِ ذريعن موجب مختلف ادارن طرفان اعلي سطح جانچ شروع ڪئي وئي آهي. جڏهن ته آمريڪا ۾ رهندڙ بيواهه عورت تبسم ٻنگر پنهنجي وڪيل امر جمالي معرفت داهيندي الزام هنيو آهي ته مڙس شوڪت ٻنگر جي وفات بعد سندس مائٽن فلڪ شير ٻنگر، اقبال ٻنگر ۽ عاشق ٻنگر پاران جعلي ڪاغذ ناهي سندس مڙس جي پاڪستان ۾ موجود ملڪيتن تي مبينا قبضو ڪري ورتو آهي، جڏهن ته جوابدار مونکي ۽ منهنجي ٻارن کي قتل ڪرڻ جون پڻ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيف جسٽس پاڪستان، وزير اعلي سنڌ، آئي جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 16

خطاب ڪندي چيو ته سائين سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو شاعر هو جيڪو هڪ غريب گهر ۾ پرورش ڪري پليو ۽ پڙهيو ۽ هن ڪميشن پاس ڪري اردو ٻوليءَ جو ليڪچرار طور ڀرتي ٿيو پر بدقسمتي سان هو هڪ گجهارت بنيل حادثي جو شڪار ٿي ڏاڪٽي سنڌ جي تعليم جو ڏيئو وسامي ويو هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ تي هڪ اهڙو ظالم طبقو حڪمران آهن جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي جن جي ڪرپشن جي ڪري سمورا ادارا سمورا روڊ تباه حال بنيل آهن جنهنڪري سڄي سنڌ جا تعليمي ادارا صحت جا ادارا تباه ۽ برباد ڪيا ويا آهن ٻي پاسي سنڌ جا روڊ ته کوس گهر بنيل آهن جنهنڪري روزانو ڪيترائي ماڻهو قتل ٿين ٿا پر ڪو به انتظار يا قانون ناهي جو روڊن تي هي موت جو راڪاس روڪي سگهي مظاهري ۾ گهر ڪئي وئي ته گاڏي کي پڪڙي ۽ ان ڊرائيور کي گرفتار ڪري.

بقايا سنڌيار 17

خادم حسين ميمڻ ۽ ٻارن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر محمد عمران راجپوت، عورتن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر ميمونه جلباڻي، هيپاٽائٽس جي سينئر ڊاڪٽر عاليه جلباڻي 1234 مريضن جو چيڪ اپ ڪري مفت دوائون ڏنيون جڏهن ته هيپاٽائٽس بي ۽ سي جي اسڪريننگ شگر ٽيسٽ ڪري سائيءَ جي بچاءَ جا احتياطي ٽڪا پڻ لڳايا ويا ان موقعي تي سماجي ورڪر اعجاز ممڻائي فيروز علي ميمڻ عرفان رضا اشرف آرائين شمشاد ميمڻ ۽ ٻين چيو ته اسان برسات متاثر علائقن ۾ مسلسل ميڊيڪل ڪيمپون لڳائي رهيا آهن ته جيئن بي وس ماڻهن کي صحت جون سهولتون ملي سگهن ان سلسلي ۾ صادق فائونڊيشن جو باني اشفاق ميمڻ ۽ هيلٿ ڪميٽي جو اڳواڻ محمد حنيف جانو جو ڀرپور تعاون رهيو آهي اڳواڻن چيو ڳوٺن مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب علائقن ۾ ٻارن ۾ خارش، موسمي بخار، ڪنگهه، زڪام ۽ دم جا مريض عام اچن ٿا جن کي صحت جون سهولتون ڏيئي رهيا آهيون جن مريضن جو هن ڪئمپن ۾ ممڪن ناهي انهن کي سول اسپتال سميت ٻين اسپتالن ڏانهن موڪلي مفت چيڪ اپ ڪرائي دوائون وٺي ڏيئي رهيا آهيون

بقايا سنڌيار 18

۽ صوبن ۾ بجيٽ جي شفافيت هميشه کان تنازعي هيٺ رهي آهي عوام جي پئسن تي عوامي فلاح بهبود تي خرچ ٿيندڙ رقم جو حساب ڪتاب ڏيڻ لاءِ ڪو به حڪومت تيار ناهي نه ئي صحت، تعليم، ڊولپمينٽ تي ڪيل خرچن بابت ڪو مربوط انگ اکر ظاهر ڪيا ويندا آهن معلومات جي قانون جي رسائي تحت اسان بجيٽ بابت وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن کي 150 درخواستون روانه ڪيون پر سڀني حڪومتن جواب ڏيڻ کان لنوائي وڌيڪ مونجهارا پيدا ڪيا جيڪو اسان جو قانوني حق هو اسان کي يا ته جواب نه ڏنا ويا جيڪڏهن جواب ڏنا ته انتهائي گهٽ يا تاخيري جواب ڏنا ويا حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته هر حڪومت عوام کي جواب ڏيڻ بدران ٽال مٽول ڪندي رهي ٿي، عوام جي ٽيڪسن جي پئسن تي عوام کي پري رکڻ پڻ هڪ سواليه نشان آهي صرف حساس نوعيت جي دفاعي بجيٽ کي لڪائڻ ته سمجھ ۾ اچي ٿو پر ترقياتي ڪمن، سماجي منصوبن جي بجيٽ کي پڻ لڪايو ويندو آهي ايتري حد تائين ته ضلعي جي بجيٽ کي پڻ ظاهر نٿو ڪيو وڃي نه تعلقي جي بجيٽ تائين هڪ عام شهري جي رسائي ممڪن هوندي آهي اهڙي صورتحال جي تناظر ۾ هڪ عام شهري کي معلومات تائين رسائي جي قانون کي صرف ڏيکاءُ لاءِ ظاهر ڪيو پيو وڃي عام شهري کي معلومات تائين رسائي ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون وينديون آهن وفاق ۽ صوبائي حڪومتون معلومات تائين رسائي جي قانون کي يقيني بنائڻ بدران هر منصوبي کي لڪائڻ ۾ مصروف رهنديون آهن هڪ عام شهري جو پڻ حق آهي ته جيڪڏهن هڪ روڊ جو ٽينڊر جاري ٿيو آهي ته مقرر ڪيل مدي ۾ هو روڊ جو نئو تعمير ٿئي ۽ روائيز ڪري هن ٽينڊر ۾ واڌ جي پٺيان ڪهڙا مقاصد هوندا آهن هڪ عام شهري جيڪو ٽيڪس ڏي ٿو ان کي لازمي معلومات هئڻ گهرجي ان موقعي تي آيل مهمانن کي بجيٽ جي شفافت تي معلوماتي ڪتاب پڻ ڏنا ويا.

بقايا سنڌيار 19

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ واري واقعي خلاف ڪشمور ۾ به سني تحريڪ پاران سني تحريڪ جي ضلعي اڳواڻ حافظ حنيف قادري، ڊاڪٽر مشتاق سومرو، حاڪم علي ڀٽي ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ جامعه قادريه مسجد کان ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪشمور تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن سوئيڊن حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي حافظ حنيف قادري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سوئيڊن ۾ قرآن شريف جي بي حرمتي ڪري انهن امت مسلمه جو دل ڏکايو آهي هن وقت پاڪستان سميت دنيا ۾ رهندڙ مسلمان هن عمل خلاف سراپا احتجاج آهن، انهن موجوده حڪومت کان گهر ڪئي ته سوئيڊن حڪومت سان سفارتي ۽ تجارتي لاڳاپا ختم ڪري انهن کي مجبور ڪيو وڃي ته معاملي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ٿي سگهي، انهن جو وڌيڪ چوڻ هو ته حڪومت هن خلاف ايڪشن نه ڪيو ته سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا سنڌيار 20

ڊپٽي ڪمشنر ون چيو ته غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ وڏو ثواب آهي. هن چيو ته ضلعي انتظاميه مستحق، ڪمزور، لاچار، بي سهارا ۽ بي گهر ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهي ۽ انسانيت جي خدمت هڪ عظيم عبادت آهي. هن صاحب حيثيت رکندڙن کي پڻ اپيل ڪئي آهي ته هو به پنهنجي ارد گرد رهندڙ غريب، مسڪين، بي سهارا ماڻهن جو خيال رکندي سندن مدد لاءِ اڳتي اچن ۽ هن سخت سياري جي مُند ۾ انسانيت جي ناتي غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته ضرورتمندن جي بروقت مدد ڪرڻ ضلعي انتظاميه جو خاص مقصد آهي. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شفيق احمد آريسر چيو ته غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي نشاندهي ڪري ڪين ڪمبل، گرم ڪپڙا ۽ سوئيٽر فراهم ڪيا پيا وڃن ته جيئن ڪين سخت سردي جي لهر کان بچائي سندن مشڪلاتن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي.

بقايا سنڌيار 21

سپورٽ طرفان ملندڙ 7000 روپين مان 1000 هزار کان 1500 روپيا جي ڪٽوتي جاري آهي پيسا نه ڏيندڙ عورتن کي سڄو ڏينهن رسوا ڪيو وڃي ٿو آخر ۾ فنگر ميچ نه ٿيڻ جو چئي موٽايو وڃي ٿو ذريعن وٽان مليل ڄاڻ موجب حسنين ڪميونيڪيشن جي مالڪ شعيب علي ۽ فدا حسين پتو جيڪو ڪيترا پيرا پوليس هٿان گرفتار ٿي چڪو آهي پر ڊيتي ليتي تي آزاد ٿي ويندو آهيو سندس تي فرنچائز هلائيندڙ BDO شجاع ڪلهوڙو ميمڻ، نعيم انڙ ۽ جاويد تنيو جا هٿ آهن جيڪي پوري تعلقي رتوديرو ۾ ڪٽوتي ڪرائيندا آهن ۽ لاڙڪاڻو ضلعو ۾ پڻ انهن جو ڊوائيز هلائڻ جو ڪاروبار آهي هو وڏا ڪرپٽ ۽ سورس وارا آهن جو لاڙڪاڻو پوليس به انهن کان ڪٽوتي ۾ حصو وٺندي آهي ياد رهي ته نعيم انڙ ۽ جاويد تنيو جو ڀاءُ پڻ گذريل قسط ۾ جيل وڃي چڪا آهن جيڪي جيل مان ٻاهر نڪرڻ شرط وري ڊوائيز هلائين ٿا ۽ ڪوئي به انهن کان پڇڻ وارو ڪون آهي نئون ديرو جي ڪجهه عورتن حسنين ڪميونيڪيشن شعيب علي ۽ فدا حسين پتو جي ڪٽوتي خلاف نالا ن ظاهر ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته جيڪا عورت هنن خلاف ڪا شڪايت ڪري ٿي ته انهن جا هي پيسا بينظير انڪم سپورٽ آفيس رتوديرو ۾ چئي بلاڪ ڪرائي ڇڏين ٿا متاثر عورتن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ميڊم فريال تالپر ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي انچارج شازيا عطا مري کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته نئون ديرو ۾ پوليس اسٽيشن سامهون حسنين ڪميونيڪيشن مالڪ شعيب علي ۽ فدا حسين پتو ۽ انهن جي ساٿين ايچ بي ايل BDO شجاع ميمڻ ۽ جاويد تنيو ۽ نعيم انڙ خلاف ڪارروائي ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي ۽ اسان کي بينظير انڪم سپورٽ مان ملندڙ رقم پوري ڏياري وڃي.

بقايا سنڌيار 22

مسڪينن جا ڪچا اجها پٽ ڪري ڇڏيا اتي گهاڙ درين جي ويجهو قائم واحد تفريحي راندين وارو ميدان به مسلسل ٽي مهينا پاڻي جي ليپٽ ۾ هجڻ ڪري ميدان تي قائم ڪيل ڪرڪيٽ پچز تباهه ٿي وڃڻ سبب ڪرڪيٽ راند متاثر بڻيل آهي، جنهن سبب نوجوان طبقو راندين جي صحت مند تفريح کان محروم بڻيل آهي، نوجوان رانديگرن پاران تعلقي پريس ڪلب وارهه جي صحافين سان رابطو ڪندي ميڊيا جي توسط سان ڊي سي قمبر ۽ چونڊيل نمائندن کان گرائونڊ جي بحالي جي گهر ڪندي چيو ته هن ٻوڏ ۾ اسان جي گرائونڊ تي ڪم و بيش ٽي مهينا پاڻي بيهڻ جي ڪري پچون تباهه ٿي ويون آهن .. ٻڌ ڪرم اهي ٺهرائي ڏيو .. جيئن نوجوان طبقو راندين جي صحت مند تفريح کان محروم نه ٿئي، واضح هجي ته وارهه تعلقي ۾ سرڪاري راندين وارو هڪ به ميدان قائم نه هجڻ ڪري نوجوانن جي اڪثريت راندين واري صحتمند سرگرمين کان به محروم آهي، سنڌ سرڪار ڊي سي قمبر شهداد ڪوٽ ۽ چونڊيل نمائندن کي گهرجي ته پٺ تي پيل تباهه حال علائقي وارهه ۾ راندين جي سرڪاري ميدانن جي قيام سميت پبلڪ پارڪ قائم ڪيا وڃن. جيڪي عوام جو بنيادي حق آهن. جنهن کان هتي عوام محروم هجڻ سبب صحت مند سرگرمين جي سهولتن جي نه هئڻ ڪري مختلف مرضن ۾ وڪوڙجي رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 23

مرمتي ڪم دوران اوچتو پريشر سان پاڻي اچڻ جي ڪري صوبي خيبر پختونخواه سان تعلق رکندڙ 4 مزدور ٻڏي ويا جنهن مان هڪ ڄڻي جي جان بچائي وئي فوت ٿيندڙ مزدورن ۾ 25 سالن جو فضل گل. 34 سالن جو سيد قيوم ۽ 30 سالن جو رحمان شامل آهن فوت ٿي ويا ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غضنفر علي قادري پاران کاڻ مان لاشن کي ڪڍڻ لاءِ فورن امدادي ٽيمون موڪليون ويون ياد رهي ته ضلعي ٺٽي جي شهر جهمپير ۽ اونگرلگ سون جي تعداد ۾ ڪوئلي جون کاڻيون موجود آهن جن ۾ سون جي تعداد ۾ مزدور ڪم ڪن ٿا اڪثر کاڻن ۾ مزدورن جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪي به سهولتون موجود نه هجڻ جي ڪري اڪثر مزدور موتمار حادثن سبب موت جو ڪاچ بڻجن ٿا صرف گذريل هڪ سال اندر هن وقت تائين 30 کان مٿي مزدور کاڻن ۾ ڪم ڪندي مختلف حادثن ۾ فوت ٿي چڪا آهن جڏهن ته مزدور کاڻين ۾ ڪم ڪرڻ دوران جيڪٽس، آڪسيجن، ماسڪ ۽ ٻيون سهولتن جي بغير کاڻن ۾ لهي ڪم ڪري پنهنجن ٻچن جو پيٽ گذر ڪرڻ تي مجبور آهن پر ڪول مائنز کاتي جا آفيسر ڳريون رشوتون ملڻ ڪري ماٺ آهن

بقايا سنڌيار 24

لکي غلام شاه ٿاڻي جي حد ڇهو لباٽو سر شاخ لنڪ روڊ تي ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن سان پوليس مقابلي کان پوءِ ڪنڊڪوٽ جي ڳوٺ چيل جو رهواسي ڏوهاري آصف ولد دريا خان ڊومڪي گشڪوري زخمي حالت ۾ ٽي ٽي پسٽل سميت گرفتار ٿيو آهي سندس 3 ساٿي اصغر علي ولد غلام قادر لاڪو، اسماعيل ولد محمد خان سيال ۽ ڪريم بخش ولد رسول بخش کوسو به ٽي ٽي پسٽل سميت پڪڙجي پيا آهن، مٿين جوابدارن وٽان 25 ڏينهن اڳ بشير کوسو کان ميهڙ مان ڦر ٿيل شهزور جيڪ پڻ هٿ ڪئي وئي آهي.

بقايا سنڌيار 25

گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته شيخ پرڪيو ٿاڻي تي ٽرانسفارمر چوري جي الزام هيٺ گرفتار جوابدارن مٿان به ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پوليس موجب گرفتار جوابدارن پڻ ٽرانسفارمر چوري ڪري وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو آهي گرفتار جوابدار شيخ پرڪيو ٿاڻي سميت ٻين ٿاڻن جي حدن مان بجلي جا ٽرانسفارمر لاهي ان مان تيل ۽ ڪوئلون ڪڍي وڪرو ڪندا هئا شيخ پرڪيو پوليس موجب گرفتار جوابدارن کان تفتيش جاري آهي

بقايا سنڌيار 26

هڪيٿي کي وارن مان جهلي گهليندا رهيا محلي واسين وچ ۾ پئي ڪدڙن فقيرن ۾ جهيڙو ٿاريو جنهن بعد خانپورمهر جي ڪدڙن فقيرن سلم فقير، زاهده، ڪرن نشا ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي زاهده فقير، سلم. ڪرن ۽ ٻين چيو ته خانپورمهر اسان جي حد آهي جتي اسان جي مڙهي آهي ۽ اسان جو راج آهي ورهين کان راج مان مرادي خيرات اسان وٺندا آهيون اڄ گهوٽڪي جا ڪدڙا شبي ممتاز ۽ ٻيا هتي خانپورمهر ۾ خيرات وٺڻ لاءِ آيا جن کي منع ڪرڻ تي هنن اسان جي مٿان حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو آهي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته فوري طور گهوٽڪي جي ڪدڙن فقيرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي طرف گهوٽڪي جي ڪدڙن فقيرن روبي، ثنا فقير، شباڻ فقير، تراڻ فقير ۽ ٻين احتجاج ڪندي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته ست پيڙهين کان وٺي هي راج اسان جو آهي اسان ئي هتان خيرات وٺندا آهيون سرحد مان آيل ڪدڙن ۽ خانپورمهر جي پنهنجي ساٿين سان گڏجي ناحق اسان مٿان حملو ڪري تشدد ڪري اسان کان سونا والا ۽ ٻيو سامان ڦري ويا آهن گهوٽڪي واسي ڪدڙن چيو ته علائقي ۽ راج وارا به اسان کي ورهين کان خيرات ڏيندا آهن. اسان سان انصاف ڪيو وڃي...

بقايا سنڌيار 27

پوليس ترجمان موجب زخمي ڏوهاري موٽر سائيڪل، اسنيچنگ، چوري، ڌاڙا، ۽ پوليس مقابلن ۾ پوليس کي گهربل هو. گرفتار ڏوهاري کان پسٽول، ميگزين، ۽ ڪيئي گوليون برآمد ڪيون ويون آهن. گرفتار ڏوهاري جي سڃاڻپ ثمير ڪوسو تالي سان ٿي آهي، فرار ٿيل ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي. گرفتار زخمي ڏوهاري جو ڪرمنل رڪارڊ ۽ معلومات مختلف ٿاڻن کان ورتو پيو وڃي.

بقايا سنڌيار 28

جو چوڻ آهي ته سندس جي وارثن کي اطلاع ڏنو ويو آهي ۽ واقعي جي جاچ ڪريون ٿا جلد نوجوان جي قتل جو ڪارڻ معلوم ڪيو ويندو هوڏانهن مقتول علي جان بروهي جي نوجوان وارثن لاش کڻي سکر باءِ پاس زيرو پوائنٽ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو ڌرڻي سبب قومي شاهراهه بلاڪ ٿي ويو ٻنهي طرفن کان گاڏين جو قطارون لڳي ويون ڌرڻي جي نيوفوجداري ٿاڻي جي پوليس پهچي مقتول جي وارثن سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو پوليس جي خاطري ڪان پوءِ ڌرڻو ختم ڪيو ويو مقتول جو مڙهه ضروري ڪارروائين لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 29

ڪٽڻ جو سلسلو جاري، آبپاشي سيڪريٽري جي ٽيل ڪلي ڪچهري ۾ ٽيل ڌانهن تي تدارڪ نه ٿيو بند ڪمزور ٿيڻ سان ڪيڏي مهل ۾ ڪمزور هنڌن تان ڪيڏي مهل گهاري پوڻ جا امڪان، ڪئنال جي ڪپرن مان مٽي ڪٽڻ جو سلسلو فورن بند ڪيو وڃي ٻي صورت ڳوٺاڻا سخت احتجاجي مظاهرو ڪندا پريا روڊ ويجهو نصرت ڪئنال (سداواهه) جي بندي سبب ڪئنال جي ٻنهي پاسن مان 6 کان 7 ڪرين مشينون لاهي ڪئنال ۾ ٽريڪٽر ٽرالين ذريعي مٽي پيسن عيوض ڪٽڻ جو سلسلو جاري آهي، ان سلسلي ۾ سڃاڻ ڏرين ميڊيا کي ٻڌايو ته نصرت ڪئنال (سدا واهه) جي ٻنهي ڪپرن مان مٽي ڪڍڻ سبب واهه جا ڪپرن ڪمزور ٿيندا ۽ پريا روڊ ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ ڪيڏي مهل به گهاري پوڻ جو امڪان آهي هنن ڳوٺاڻن ٻڌايو ته سلت جمي بند ن کي مضبوط ڪري ۽ ڪرين مشينون لڳڻ سبب اتي ٽيل پٿرن جي پچنگ پڻ ڊهي وئي آهي. سڃاڻ ڏرين اهڙي معاملي جو سخت نوٽيس وٺڻ جي گهر پڻ ڪئي آهي . ٻئي پاسي 3 ڏينهن اڳ آبپاشي سيڪريٽري جي ٽيل ڪلي ڪچهري ۾ پڻ ان مسئلي تي دانهون پڻ ڪيون پر ڪامورن جي ڪن تي جون به نه سري آهي. ٻئي طرف ذريعن ٻڌايو ته آبپاشي عملدارن ۽ ٻاٿرن ۽ ڪرين مشينن جي ٺيڪيدان جي ملي ڀڳت سان سلت کي توڙي بندن کي ڪمزور ڪيو پيو وڃي.

بقايا سنڌيار 30

انصاف پارٽي جي اڳواڻن پاران ٽن ڏينهن لاءِ بک هڙتال شروع ڪري ڏني آهي جڏهن بک هڙتال تي ويٺل اڳواڻن جو چوڻ هئو ت ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ جي ايڊمنسٽريٽر محمد اقبال جيڪو اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ پڻ آهي ۽ محمد اعظم بروهي جيڪو ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ جو چيف ميونسپل آفيسر آهي ۽ ڪاشف علي جتوئي جيڪو سڄي ميونسپل ڪاميٽي جو ڪاروهنوار هلائيندڙ آهي انهن ب سيوهڻ شهر جي عوام کي صاف پاڻي مهيا ڪري ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي ويا آهن پر انهن جي لاپرواهي جي ڪري سيوهڻ شهر جو عوام بدبودار پاڻي پي رهيو آهي بک هڙتال تي ويٺل اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت سيوهڻ ميونسپل جي پوڻا ٽي ڪروڙ روپيه ماهانه بجيٽ آهي جيڪا گورنمنٽ آف سنڌ کان هر ماه ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ جي اڪائونٽ ۾ اچي ٿي جڏهن ت ايتري بجيٽ هوندي ب سيوهڻ شهر جي عوام کي ميونسپل انتظاميه سيوهڻ صاف پاڻي درياءَ سنڌ جون پياري رهي آهي جڏهن ت گندو بدبودار پاڻي سر نالي جو پاڻي سيوهڻ جي عوام کي ميونسپل ڪاميٽي انتظاميه پياري رهي آهي جيڪو سراسر سيوهڻ جي عوام سان ظلم آهي جڏهن ت هن تڪ جا چونڊيل نمائندا ايم اين اي ۽ ايم پي اي ت صاف پاڻي پيئن ٿا جڏهن ت جيڪو اسان جو وڏو وزير آهي اهو سيوهڻ جي تڪ تان ايم پي اي چونڊيو ويو آهي اهو هينئر ست سالن کان سنڌ جو وڏو وزير رهندو پيو اچي پر سيوهڻ شهر کي ت صرف صاف پاڻي ئي ن ڏيئي سگهيو آهي ت ان مان بي ڪهڙي اميد سيوهڻ جو عوام رکي سگهي ٿو اسان هن ميڊيا جي ٿرو سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس آف پاڪستان کان مطالبو ٿا ڪريون ت سائين سيوهڻ شهر جي عوام تي رحم ڪريو اوهان سيوهڻ ميونسپل ڪاميٽي جي ايڊمنسٽريٽر ۽ ٻين آفيسرن کان سيوهڻ جي عوام کي انصاف ڏياريو ۽ سيوهڻ جي عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪرائي ڏيو ت جيئن سيوهڻ جي عوام کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ملي سگهي ۽ سيوهڻ جي عوام جي سر نالي جي بدبودار ۽ گندي پاڻي مان نجات ملي سگهي

بقايا سنڌيار 31

تي چڙهائي ڪري سرچ آپريشن ڪيو پوليس کي ڏسندي ئي ڏوهاري پنهنجا گهر خالي ڪري ڪچي جي طرف فرار ٿي ويا پوليس شڪ جي بنياد تي سبزوئي برادري جي گهرام ۽ علي نواز سميت سندن ٻن پٽن کي گرفتار ڪري اڻ ڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو پوليس سندن ڏهه ٻڪريون به کاهي آئي جڏهين ته ٻي ڪاروائي ۾ پوليس ٽيغاڻي برادري جي حاجي علي محمد لال محمد ولي محمد سميت پنجن گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ ايس ايچ او سان رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته مغوي ڊرائيور جي بازيابي لاءِ ڪارروايون جاري رهنديون ۽ ڪنهن سان به رعايت نه ٿيندي.

بقايا سنڌيار 32

جو وزٽ ڪيو ويو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ٽنڊومحمدخان حاجي عبدالوهاب نظاماڻي پاران پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ سري هيٺ داخلا مهم تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ۽ ٽنڊومحمدخان ۾ تعليمي صورتحال بابت ٻڌايو ويو جنهن تي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن پاران چيو ويو ته ٽنڊومحمدخان ۾ داخلا مهم ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي ۽ ٻارڙن خاص ڪري نيائين کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ڀرپور اپاءَ ورتا وڃن ٽنڊومحمدخان ۾ تعليمي شرح ۾ اضافو ٿي رهيو آهي جيڪو هڪ بهترين قدم آهي ان تسلسل کي جاري رکي وڌ کان وڌ ٻارڙن کي تعليمي جي سرشتي ۾ داخل ڪيو وڃي حڪومت سنڌ تعليم جي بهتري لاءِ مسلسل قدم کڻي رهي آهي اسان سڀني تي فرض عائد ٿو ٿئي اسين تعليم کان محروم ٻارڙن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايون اسان جي پهرين ترجيح پرائمري کان ميٽرڪ تائين ٻارڙن کي مفت تعليم فراهم ڪرڻ آهي ان عمل جي پوئيواري لاءِ ڪراچي کان ڪشمور اوباوڙي کان ننگرپارڪر تائين ڊائريڪٽريٽ. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن، تعلقا ايجوڪيشن آفيسرن کي انتهائي متحرڪ ڪيو ويو آهي ان سموري عمل جي نگراني پڻ جاري آهي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ٽنڊومحمدخان حاجي عبدالوهاب نظاماڻي، چيف مانيٽرنگ آفيسر عبدالحليم لغاري ، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر ٽنڊومحمدخان راجا نثار ميمڻ، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر بلڙي شاه ڪريم محمد يعقوب وڳهامل ، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر ٽنڊوغلام حيدر علي ڏنو ميمڻ ، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر رياض ميمڻ ، پ ٽ الف اڳواڻ غلام حسين ڪاتيار ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر عارف حسين ڪيهر ، ثمر حسين جتوئي پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 33

اي ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪ کنيل اميدوارن تحريڪ جي آرگنائيزر آصف ڪوسو سيد ڪامران شاه.عامر تيوڻ عمران چانڊيو اشفاق چانڊيو جي اڳوائي ۾ گهنٽاگهر چونڪ کان ميهڙ پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ جي وزير تعليم سيد سردار شاه استادن جي ڀرتين ۾ پنهنجي نوازي ڪري رهيو 27 ۽ 32 مارڪون کنيل اميدوارن کي استادن ڀرتي ڪري رهيا آهن هنن پاڻ چيو هو ته دادو ضلعي ۾ ٻاهرين ملڪ ويٺل اميدوارن کي به آرڊر جاري ڪيا ويا آهن سيڪريٽري ۽ وزير تعليم چيو هو ته جعلسازي ظاهر ٿي ته استيعفا ڏينداسين هنن کي ڪجهه به نه ٿيو آهي سنڌ ۾ هيڊ ماستر 33 ته پاس ڪري سگهن ٿا پوءِ پرائمري استاد چو پاس نه ٿا ڪري سگهن سڄي سنڌ ۾ هزارين اسڪول بند آهن اسان جو مطالبو آهي ته آئي بي اي ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 اميدوارن کي پاس ڪري بند پيل اسڪول کولي ڀرتي ڪيا وڃن نه ته ڪراچي سنڌ اسيمبلي اڳيان احتجاجي تحريڪ هلائينداسين

بقايا سنڌيار 34

کيڏندي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج رتوديرو جي ٽيم 140 رنسون ناهيون. جڏهن ته ٻي انڪز ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽل جي پوري ٽيم 48 رنسن تي آل آئوٽ ٿي وئي، اهڙي طرح گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽل جي ٽيم 92 رنسن تان ميچ کٽي ورتي. ٻي ميچ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو ۽ گورنمينٽ شاه لطيف ڊگري ڪاليج قمبر وچ ۾ کيڏي وئي. اڳواٽ کيڏندي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قمبر جي ٽيم 135 رنسون ناهيون. جڏهن ته ٻي انڪز ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو جي پوري ٽيم 18هن اوور ۾ ٽارگيٽ پورو ڪيو تقريب جو خاص مهمان سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شڪارپور جو پرنسپال پروفيسر ارشاد احمد جمالي هيو جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ سينيئر ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن ذوالفقار حسين، سينيئر ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن شفقت حسين، مڪاني ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن نصرالله ميمڻ، پروفيسر اصغر علي، پروفيسر افتخار احمد سومرو ۽ پروفيسر قربان علي مگسي شامل هئا.

بقايا سنڌيار 35

ڪمن ۾ سري عام ناقص مٽيريل استعمال ڪري رهيو آهي جنهن جي اهڙي عمل خلاف جسڪاڻي شاخ جي آس پاس ڳوٺن جي ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري ٺيڪيدار ۽ روهڙي ڊويزن مورو جي عملدارن خلاف نعري بازي ڪندي ڳوٺاڻن محمود علي، نواب خان، رحيم علي، حسن بخش، محمد سليم، نورمحمد، معروف، سليم ۽ ٻين چيو ته سنڌ حڪومت پاران 1 ارب 30 ڪروڙ رپين جي بجيٽ ٺيڪيدار طارق مسعود عرف پپو چنو کي ڏني وئي آهي جنهن کي جسڪاڻي شاخ سميت ٻين ٽن شاخن کي وارا بندي وارن ڏينهن ۾ ڪم مڪمل ڪري پڪو ڪرڻو آهي ڪيس شاخن جي ڪم ۾ 1.2 جو ريشو استعمال ڪرڻو آهي پر ٺيڪيدار سرعام شاخن جي ڪم ۾ 4.1 ۽ 6.1 جو ريشو استعمال ڪري ٿو جنهن جي ڪري هن وقت تائين جيڪو ڪم ٿيو آهي اهو ڪجهه ڏينهن اندر هنڌان هنڌان ڀرڻ شروع ٿي ويو آهي ۽ ٺيڪيدار طارق مسعود عرف پپو چنو ڪم ڪندڙ مزدورن کان جيڪو ڪم ڪرائي ٿو ان ۾ 2 ٽرالين ڪريش 2 ريتي هڪ بوري سيمنٽ وجهرائي ٿو جڏهن ته هنن کي ورڪ آرڊر تحت هڪ ٽرالي ڪريش هڪ ريتي ۾ هڪ بوري سيمنٽ جي استعمال ڪرڻي آهي پر سڄو ڏينهن مزدور سري عام جيڪو ڪم ڪري رهيا آهن ان ۾ 4 ۽ 6 ٽرالين ڪريش ۽ ريتي ۾ هڪ بوري سيمنٽ استعمال ڪن ٿا انهن خلاف روهڙي ڊويزن مورو جي انجنيئر افتخار لانگاهه کي بار بار شڪايت ڪري چڪا آهيون جيڪو پڻ ٺيڪيدار خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي جنهن جي ڪري مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته جيڪڏهن ٺيڪيدار هڙو غلط ڪم ڪري شاخن کي ائين ناهي سنڌ حڪومت کان ا رب ۽ 30 ڪروڙين رپين جي رقم وٺي هليو ويندو ته پوءِ اسان سڄي عمر سورن ۾ پئجي ويندا سين چو ته جيڪڏهن ناقص مٽيريل استعمال ڪري شاخن کي ناهي هليو ويو ته پوءِ ڪجهه مهينن اندر جڏهن شاخن ۾ پاڻي وهي ايندو ته ان کان پوءِ ڀڄڻ شروع ٿي وينديون ۽ شاخن ۾ پاڻي ته ايندو جنهن جي ڪري اسان جون هزارين ايڪڙ آباد زمينون بنجر ٿي وينديون. ان ڪري شاخن کي پڪو ڪندڙ ٺيڪيدار کان تڪڙو ۽ صحيح ڪم ڪرايو وڃي. ٻيءَ صورت ۾ اسان پنهنجو احتجاج جاري رکنداسين. هنن چيو ته ٺيڪيدار طارق مسعود عرف پپو چنو ڪم صحي ڪم نٿو ڪري جنهن جي خلاف اسان ان وقت تائين احتجاج جاري رکنداسين جنهن وقت تائين صحي ڪم ڪرائي ڳوٺاڻن ۽ آبادگار جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويندا

بقايا سنڌيار 36

۽ صوبن ۾ بجيٽ جي شفافيت هميشه کان تنازعي هيٺ رهي آهي عوام جي پئسن تي عوامي فلاح بهبود تي خرچ ٿيندڙ رقم جو حساب ڪتاب ڏيڻ لاءِ ڪو به حڪومت تيار ناهي نه ئي صحت، تعليم، ڊولپمينٽ تي ڪيل خرچن بابت ڪو مربوط انگ اکر ظاهر ڪيا ويندا آهن معلومات جي قانون جي رسائي تحت اسان بجيٽ بابت وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن کي 150 درخواستون روانه ڪيون پر سڀني حڪومتن جواب ڏيڻ کان لنوائي وڌيڪ مونجهارا پيدا ڪيا جيڪو اسان جو قانوني حق هو اسان کي يا ته جواب نه ڏنا ويا جيڪڏهن جواب ڏنا ته انتهائي گهٽ يا تاخيري جواب ڏنا ويا حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته هر حڪومت عوام کي جواب ڏيڻ بدران ٽال مٽول ڪندي رهي ٿي، عوام جي ٽيڪسن جي پئسن تي عوام کي پري رکڻ پڻ هڪ سواليه نشان آهي صرف حساس نوعيت جي دفاعي بجيٽ کي لڪائڻ ته سمجھ ۾ اچي ٿو پر ترقياتي ڪمن، سماجي منصوبن جي بجيٽ کي پڻ لڪايو ويندو آهي ايتري حد تائين ته ضلعي جي بجيٽ کي پڻ ظاهر نٿو ڪيو وڃي نه تعلقي جي بجيٽ تائين هڪ عام شهري جي رسائي ممڪن هوندي آهي اهڙي صورتحال جي تناظر ۾ هڪ عام شهري کي معلومات تائين رسائي جي قانون کي صرف ڏيکاءُ لاءِ ظاهر ڪيو پيو وڃي عام شهري کي معلومات تائين رسائي ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون وينديون آهن وفاق ۽ صوبائي حڪومتون معلومات تائين رسائي جي قانون کي يقيني بنائڻ بدران هر منصوبي کي لڪائڻ ۾ مصروف رهنديون آهن هڪ عام شهري جو پڻ حق آهي ته جيڪڏهن هڪ روڊ جو ٽينڊر جاري ٿيو آهي ته مقرر ڪيل مدي ۾ هو روڊ جو نئو تعمير ٿئي ۽ روائيز ڪري هن ٽينڊر ۾ واڌ جي پٺيان ڪهڙا مقاصد هوندا آهن هڪ عام شهري جيڪو ٽيڪس ڏي ٿو ان کي لازمي معلومات هئڻ گهرجي ان موقعي تي آيل مهمانن کي بجيٽ جي شفافت تي معلوماتي ڪتاب پڻ ڏنا ويا.

بقايا سنڌيار 37

انصاف پارٽي جي اڳواڻن پاران ٽن ڏينهن لاءِ بک هڙتال شروع ڪري ڏني آهي جڏهن بک هڙتال تي ويٺل اڳواڻن جو چوڻ هئو ت ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ جي ايڊمنسٽريٽر محمد اقبال جيڪو اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ پڻ آهي ۽ محمد اعظم بروهي جيڪو ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ جو چيف ميونسپل آفيسر آهي ۽ ڪاشف علي جتوئي جيڪو سڄي ميونسپل ڪاميٽي جو ڪاروهنوار هلائيندڙ آهي انهن ب سيوهڻ شهر جي عوام کي صاف پاڻي مهيا ڪري ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي ويا آهن پر انهن جي لاپرواهي جي ڪري سيوهڻ شهر جو عوام بدبودار پاڻي پي رهيو آهي بک هڙتال تي ويٺل اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت سيوهڻ ميونسپل جي پوڻا ٽي ڪروڙ روپيه ماهانه بجيٽ آهي جيڪا گورنمنٽ آف سنڌ کان هر ماه ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ جي اڪائونٽ ۾ اچي ٿي جڏهن ت ايتري بجيٽ هوندي ب سيوهڻ شهر جي عوام کي ميونسپل انتظاميه سيوهڻ صاف پاڻي درياءَ سنڌ جون پياري رهي آهي جڏهن ت گندو بدبودار پاڻي سر نالي جو پاڻي سيوهڻ جي عوام کي ميونسپل ڪاميٽي انتظاميه پياري رهي آهي جيڪو سراسر سيوهڻ جي عوام سان ظلم آهي جڏهن ت هن تڪ جا چونڊيل نمائندا ايم اين اي ۽ ايم پي اي ت صاف پاڻي پيئن ٿا جڏهن ت جيڪو اسان جو وڏو وزير آهي اهو سيوهڻ جي تڪ تان ايم پي اي چونڊيو ويو آهي اهو هينئر ست سالن کان سنڌ جو وڏو وزير رهندو پيو اچي پر سيوهڻ شهر کي ت صرف صاف پاڻي ئي ن ڏيئي سگهيو آهي ت ان مان بي ڪهڙي اميد سيوهڻ جو عوام رکي سگهي ٿو اسان هن ميڊيا جي ٿرو سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس آف پاڪستان کان مطالبو ٿا ڪريون ت سائين سيوهڻ شهر جي عوام تي رحم ڪريو اوهان سيوهڻ ميونسپل ڪاميٽي جي ايڊمنسٽريٽر ۽ ٻين آفيسرن کان سيوهڻ جي عوام کي انصاف ڏياريو ۽ سيوهڻ جي عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪرائي ڏيو ت جيئن سيوهڻ جي عوام کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ملي سگهي ۽ سيوهڻ جي عوام جي سر نالي جي بدبودار ۽ گندي پاڻي مان نجات ملي سگهي

آفيس آف دي سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس حيدرآباد

PROUD TO SERVE
SINDH POLICE

ٽينڊرن گهرائڻ جو نوٽيس

خواهشمند ٺيڪيدارن/ڪمپنيز/فرمن کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ ايس پي پي آر اي رولز 2010 ترميم ٿيل 2021 جي مطابق مهربند ٽينڊرز گهرائجن ٿا.

س. نمبر	آرٽيڪل جو نالو	ڪُل لاڳت ملين ۾	سوٽي رقم	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
1	ايس ايس پي آفيس حيدرآباد جي مرمت/نواڻ	7.990	2.5٪	3000	2 مهينا

خالي ٽينڊر فارم اشاعت جي تاريخ کان آفيس وقت دوران جاري ڪيا ويندا ۽ سنڌ پوليس جي ويب سائيٽ www.sindhpolice.gov.pk ۽ ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ www.pprasindh.gov.pk تان ڊائونلوڊ پڻ ڪري سگهجن ٿا. مڪمل ڀريل ٽينڊر 2023_02_14 تي منجهند جو 02:00 وڳي تائين وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن تي منجهند جو 02:30 وڳي پوليس هيڊ ڪوارٽرز حيدرآباد ۾ سمورن خواهشمند آڇ ڏيندڙن جيڪي شامل ٿيڻ چاهين ۽ پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.

شرط ۽ ضابطا

1. خالي ٽينڊر ايجنسين/فرمن کي ٽينڊر في (ناقابل واپسي) جي ادائيگي تي جاري ڪيا ويندا.
2. شرطيا/خالي، نامڪمل ۽ ڪال ڊپازٽ کانسواءِ آڇن کي نه ڳڻيو ويندو.
3. ٽينڊرن کلڻ واري ڏينهن تي جيڪڏهن مجاز اختياري هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر ويل هوندي، جيڪڏهن سرڪار پاران عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو ته ٽينڊر وصول ڪرڻ ۽ کولڻ واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول ۽ جڳهه تي وصول ورتا ۽ کوليا ويندا.
4. ايجنسيز/فرمز سنڌ رونيو بورڊ ۽ انڪم ٽيڪس اٿارٽيز سان رجسٽرڊ هجن.
5. ايجنسي ڪانٽريڪٽر گذريل ٽن سالن ۾ ساڳي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ 03 عدد ڪم مڪمل ڪيا هجن.
6. گذريل ٽن سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ/آڊٽ رپورٽ/ٻيا دستاويز جيڪي سالياني مالي ٽرن اوور 8.5 (ملين) في سال ڏيکارين.
7. خواهشمند حصو وٺندڙ پي اي سي کان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ سال 2022_2023 جي لاءِ رجسٽرڊ هجي.
8. مجاز اختياري ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2021) جي مطابق ڪنهن به يا سمورن ٽينڊرز کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
9. خواهشمند ڪانٽريڪٽرز کي حلف نامو جمع ڪرائڻو پوندو ته ڪنهن به مقدمي بازي ۾ ملوث ناهي ۽ نه ڪنهن سرڪاري کاتي ۾ ڪم اڌورو ڇڏيو آهي ۽ نه ئي بليڪ لسٽ ٿيل آهي.
10. سوٽي رقم سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس حيدرآباد جي حق ۾ ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر جي شڪل ۾ جمع ڪرائي وڃي.
11. مٿي ڄاڻايل هر هڪ ڪيٽيگري جي لاءِ الڳ پروپوزل جمع ڪرايو وڃي.

جاچ ۽ طريقيڪار

ڪم جي اسڪوپ ۽ لاڳاپيل تفصيلن سان ترجيحن تي مشتمل آڇ دستاويزن جو مڪمل سيٽ خواهشمند ڪانٽريڪٽرز/ڪانٽريڪٽرنگ فرم پاران مسٽر صلاح الدين ايوبي، اسٽيٽ مينيجمينٽ آفيسر ايس ايس پي آفيس حيدرآباد سان موبائيل نمبر 9370536_0300 آفيس نمبر 9200640_022 تي ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجي ٿو. جو طريقيڪار سنگل اسٽيج ون انولپ طريقيڪار حاصل ڪيو ويو آهي.

سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس حيدرآباد
اينڊ چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي

INF/KRY No: 248/23

SAY NO TO CORRUPTION | WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ